# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو

جنوري 2015 کان جون 2015



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهه ماهي
# سرسو
جنوري 2015 کان جون 2015

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)
(القرآن)

## هن شماري ۾......

- ايڊيٽر پاران ........................................ 2
- ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........................ 3
- مئنيجر نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ جو پيغام .............. 4
- سرسو چيئرمين جي متحرڪ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه . 5
- سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ هٿ جي هنر جي نمائش ............ 8
- روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو پروجيڪٽ ................ 10
- LEP مان فائدو حاصل ڪندڙ بزرگ عورت..................... 12
- بزرگن جي ڀلائي وارو پروگرام ................................. 14
- ڪلسٽر اسڪول هڪ مثالي درسگاهه ............................ 16
- وٺڪاري - زندگيءَ ۾ خوشيءَ جو احساس ........................ 18
- نوشهروفيروز ۾ فعال ڪارڪنن جي ڪڏجاڻي.......................... 20
- ڳگدام جانورن واري پروگرام جون سرگرميون ..................... 22
- ننڍي قرض جو وڏو فائدو ................................................ 24
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو ................................ 25
- اهنجن پنيان سهنج ........................................................ 29
- مائرن جو عالمي ڏينهن ۽ سرسو - رنگ ........................ 31
- صحت جو عالمي ڏهاڙو ................................................... 33
- حصولات واري شعبي جي ڪارڪردگي ............................ 37
- ضلعي گهوٽڪي ۾ انشورنس وارو پروجيڪٽ ............ 38
- تبديلي ڏانهن سفر ........................................................ 39
- عورت ماءُ ۽ سماج ........................................................ 40
- غربت ختم ڪرڻ جو نسخو ................................................. 43
- روشني: لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ................................ 45
- شراڪتي ترقي ................................................................. 48
- بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام ............... 50
- وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم ................... 51
- سرسو ٻٽايو مالڪ پنهنجي ملڪيت جو .......................... 52

### ايڊيٽر

**سيده نازيہ شاهه**
اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

### ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پٺاڻ**
پروگرام مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**رخسانہ رياض علي**
سينيئر پروگرام مئنيجر G&D
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**بخت علي ابڙو**
سينيئر پروگرام آفيسر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر

**جميل سومرو**
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

رابطي لاءِ ڏس پتو
**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**
سرسو ڪامپليڪس ويجهو تاج پيٽرول پمپ
شڪارپور روڊ سکر.
فون: 071-56271820 فيڪس: 071-56271820111
ويب سائيٽ www.srso.org.pk

# ايڊيٽر پاران

سنڌ جي ٻهراڙين وارين آبادين ۾ جتي ترقياتي ڪمن، صحت ۽ تعليم جون سهولتون ميسر ڪونہ آهن. ۽ زندگيءَ جو وهنوار انتهائي هيٺ آهي. مسڪين مارونڙا غربت ۽ بدحاليءَ جي حالت ۾ زندگي گهارين پيا. بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ ماڻهن جي زندگيءَ کي انتهائي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سرسو سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڳوٺاڻن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهي آهي. سرسو جي اڻٿڪ محنتن ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي جي نتيجي ۾ خوشحاليءَ جي خوابَ کي ساڀيان جو روپ مليو آهي.

اهڙن ڀنتي ڀيل علائقن ۾ ماڻهن منجهہ سجاڳي، شعور ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ، مستحق ۽ غريبن لاءِ خوشحال زندگيءَ جا رستا هموار ڪرڻ ۾ غيرسرڪاري ادارن جو وڏو هٿ رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سرسو جي ڪردار جي ڀيٽ ڪجي تہ هي ٻهراڙيءَ جي ترقي ۾ غريبن جو مددگار ادارو هميشہ منفرد حيثيت ماڻيندي نظر ايندو. سونهاري سنڌ جي ڏهن ضلعن جي ڀنتي ڀيل علائقن ۾ تعليم، صحت، انشورنس، مال مويشي، فني ترقي ۽ تعميرات، ننڍي پئماني تي قرض، ذهني اوسر، هنري تربيتون ۽ زندگيءَ جي ٻئي وهنوار ۾ سرسو جيڪو ڳاڻ ڳڻيو ڪردار ادا ڪيو آهي اُهو ڪنهن بہ روايتي تعارف يا تعريف جو مُحتاج ڪونہ آهي.

هڪ خوشحال زندگيءَ جو خواب هر ماڻهو جي اکين جي سونهن آهي، جنهن کي حقيقت جو رُوپ ونرائڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جا محنتي ساٿي ڏينهن رات غريبن جي مدد، کين هنري سکيا ڏيارڻ ۽ منظم ڪرڻ سان گڏوگڏ کين پاڻ ڀرو ڪرڻ ۾ رڌل رهيا آهن.

اسان جي اها ڀرپور ڪوشش آهي تہ اسان سنڌ جي ٻهراڙين جي بنيادي مسئلن جهڙوڪ: غربت، هنري اڻاٺ، زراعت، مال مويشي، تعليم، صحت، پاڻي ۽ ٻين ڪوڙ سارن ننڍن وڏن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ مستقل ۽ پائدار ترقيءَ جي عمل کي يقيني بڻايون. انهيءَ سلسلي ۾ اسان ان راهہ جي سمورين اوڻاين کي ڀليڪار ڪيو آهي، تہ جيئن غريب مارونڙن کي وڌ کان وڌ سهوليت ۽ فائدو پهچائي سگهجي.

سيده نازيہ شاهہ

# پيغام

سہاجھڙي سنڌ جي غريب مارون جو تعلق ڀهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، امن امان، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا سہاجهڙا غريب اياڻا ۽ ابوجهہ ماڻهو، جيڪي بک، بيروزگاري ۽ غربت جي ڏيڻ ۾ ڦاتل آهن.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن بالخصوص عورتن جي ذهني جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اڀاري ٿو تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي ڏهن ضلعن ۾ تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، ويم، ڳري مشينري جي ڊرائيونگ ۽ فني سکيا وغيره جي سمت ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪري ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي پسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وجهرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ ساٿ جي اجان بہ وڏيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

ساٿ سلامت

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**
ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر

# پيغام

ايامن كان سنڌ ڌرتيءَ جا معصوم ٻوجهه ۽ اياڻا مارواڙا غربت جهالت، اڻ ڄاڻائي ۽ لاعلمي جهڙن بيمارين جي ور چڙهيل آهن. حالانڪ سنڌ سڀاجهڙي پنهنجي وسيلن سان مالامال آهي سندس سينڌ جهڙو سنڌو درياءَ جنهن جو قطرو قطرو آب حيات آهي، جيڪو ديس کي سيراب ڪندو رهي ٿو.

اهڙين بيمارين ۾ وڪوڙيل غريب انسان جي طبي چڪاس بعد معلوم ٿيندو ته غريب الناس علم قابليت، هنر، فن، گر جهڙن زيورن كان اڻ واقف آهي. ان ڪري ترقي يافته قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي انهن جي صف ۾ بيهي ڪونه ٿو سگهي.

مٿي ذڪر ڪيل گر، هنر پلي اهي زراعت، مال مويشي، سلائي ڪڙهائي ۽ ٻين علمن سان واڳيل هجن، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن انهن غريب ماڻهن جي ذهني جاڳرتا ڪندي ڪين پاڙي سطح تي منظم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ۾ مصروف آهي ته جيئن ڪين صلاحيتن سان مالامال ڪندي آمدني ڪمائڻ وارو ڪيو وڃي.

ان ڏس ۾ عورتن طرفان ڀرپور موٽ ملي آهي. 2010ع ڪانپوءِ ٻهراڙي جي عورتن رڪارڊ ٽوڙ ترقيءَ جا ڏاڪا طئي ڪندي عظيم منزلون ماڻيون آهن ۽ پاڻ ميجرايو آهي.

اتر سنڌ جي ڏهن ضلعن ۾ سرسو طرفان غربت خلاف جنگ ڪرڻ، غربت جي ڏٻڻ مان غريبن کي نجات ڏيارائڻ، ٻڌي ايڪي ۽ بچت جا عمل ڪندي پاڙي ۽ ڳوٺ سطح تي شراڪتي ترقي ڪرائڻ جو عمل جاري ۽ ساري آهي.

اجان كوڙ ساتري ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، روشن صبح کي ڏسڻ واري ساپيان جي شروعات ٿي چڪي آهي، ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو غريب مارواڙا پنهنجي حياتين ۾ انقلاب آڻيندي محنت ۽ ڪوشش عيوض خوشحال زندگي وارو خواب ڏسي پسي سگهندا.

**نثار احمد پٺاڻ**
مئنيجر نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# سرسو چيئرمين جي متحرڪ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

نويد اسحاق ميمڻ
مئنيجر MER



چيئرمين سرسو شعيب سلطان خان جو دورو ۽ سندس ڊائري جي ورقن تي ورتل ريڪارڊ تي رکڻ جهڙيون ڳالهيون جيڪي سنڌ جي ڳوٺن، واهڻ ۽ وستين ۾ گهمندي ۽ ماڻهن سان ڪچهريون ڪندي پنهنجي نوٽ بڪ تي لکيون آهن. شعيب سلطان صاحب جي ڊائريءَ تي ريڪارڊ جي صورت ۾ محفوظ ٿيل اهي ڳالهيون نه صرف ڳوٺاڻي ترقيءَ سان وابسطه ماڻهن لاءِ انتهائي ڪارائتيون آهن، پر انهن ڳالهين جي حقيقتن ۽ گهرائين کي محسوس ڪندي هر مڪتبهء فڪر جو ماڻهو سندس سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن بابت ڏنل راءِ جو نه صرف احترام ڪندو، پر سندس سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ماڻهن سان ڪيل ڪم کي پڻ تمام گهڻي مڃتا ڏيندو. هن ڀيري به شعيب سلطان خان سرسو جي ڪارڪنن ۽ ڳوٺاڻين تنظيمن سان واڳيل فعال ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ڳوٺاڻن سان مليا. ان دؤري دؤران چيئرمين شعيب سلطان خان CRPs ۽ ڳوٺاڻين تنظيمن جي فعال ڪارڪنن سان هڪ تفصلي گڏجاڻي ڪوٺائي. جنهن جي صدارت شعيب سلطان خان پاڻ ڪئي. چيئرمين سان گڏ ويٺلن ۾ ڪمشنر سکر محمد عباس بلوچ ۽ بورڊ جا ميمبر فضل الله قريشي، نظر محمد ميمڻ، غلام مصطفيٰ ابڙو، سرسو جو ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو هئا.

گڏجاڻي ۾ ڳوٺاڻين تنظيمن جي ميمبرن کي ايندڙ ڏکيائين ۽ مونجهارن، مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جي حل متعلق تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ سميت ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) جي رقم بئنڪ مان ڪڍڻ دوران درپيش ايندڙ مسئلن بابت چيئرمين کي آگاهه ڪيو ويو.



ڳوٺاڻي تنظيم روشني جي صدر زرينه خاتون باقاعده چارٽ ۽ نقشي مدد سان ڄاڻ ڏيندي چيئرمين ۽ گڏجاڻي ۾ ويٺلن سيني کي ٻڌايو ته سندس تنظيم 220 ڇوڪرن ۽ 146 ڇوڪرين کي هنري سکيا فراهم ڪئي آهي جنهن جو ڪل تعداد 366 ٿئي ٿو. هن ٻڌايو ته سندس تنظيم اندر گهراڻن جو تعداد 30 آهي.

صحت جي پاليسي بابت آگاهه ڪندي هن ٻڌايو ته روشني تنظيم 16-06-2006 تي وجود ۾ آئي. هن مهل تائين سرسو جي سهڪار سان 8 اسڪول ڪولرائي ٻارن کي داخل ڪرايو ويو آهي. جڏهن ته 824 ٻارڙن کي ٽڪا هڻايا ويا، 221 ڳوٺاڻين حامله عورتن جا ويم ڪرايا ويا. سرڪاري عملدارن سان ملاقاتون ڪري بجلي جو ٽرانسفارمر هڻايو ويو ۽ 16 ڳوٺن کي ٻج پاڻ پڻ مهيا ڪيو ويو. انڪان علاوه سنڌ سرڪار جي عملدارن سان ملاقاتون ڪري 30 بند ٿيل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا ڪارڊ ٻيهر ڪولرايا ويا.

ان دوران چيئرمين ڪانئس سوال ڪيو ته روشني ۾ ڳوٺاڻين تنظيمن جو تعداد ڪيترو آهي، جنهن تي ڪيس ٻڌايو ويو ته LSO روشني ۾ 45 ڳوٺاڻيون تنظيمون آهن، پاڙي واريون تنظيمون 102 ايگزيڪيٽو باڊي جا 9 ميمبر ۽ جنرل باڊي جا 45 ميمبر آهن. سندن ڪم کي چيئرمين پاران ساراهيندي اِها پڻ هدايت ڪئي ته ڪم کي اڃان سگهارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ محنت پورهيان ڪان به وڌيڪ ڪيو ته جيئن زندگيءَ جون سڀئي مشڪلاتون آسان ٿيڻ جي پون.

لکي تعلقي شڪارپور ضلعي جي ايل.ايس.او خوشحال نيٽ ورڪ جي متحرڪ ڪارڪنن پنهنجي ڪارڪردگي بيان ڪندي چيو ته خوشحال نيٽ ورڪ جو مقصد علائقي مان غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ سان گڏوگڏ غريبن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۾ مڪمل سهڪار ڪرڻ آهي. انگ اکر ٻڌائيندي چيو ته VOs جو تعداد 1576 ۽ COs جو تعداد 354 منظم گهراڻن جو تعداد 26987، ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ جا مستحق گهراڻا 15425 جڏهن ته ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) جي رقم حاصل ڪندڙ گهراڻن جو تعداد 12706 ٿئي ٿو. ان دوران سرسو جي ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي چيئرمين کي آگاهي ڏني ته مذڪوره تنظيمن کي موبلائيزيشن جون تربيتون پڻ ڏياريون ويون آهن. سندن وٽ هڪ ڪروڙ روپين جي رقم موجود آهي، جيڪا رقم CIF تحت استعمال ٿي رهي آهي. جنهن تي چيئرمين سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جا ٿورا مڃيندي چيو ته اسين شڪرگذار آهيون سنڌ سرڪار جا جنهن سنڌ جي ڳوٺاڻين عورتن کي پنهنجي ترجيح ۾ شامل ڪيو ۽ اسانجو مقصد انهن جي تنظيمن کي منظم ڪرڻ آهي.



سرسو چيئرمين گڏجاڻي ۾ ويٺل سڀني عورتن کان سوال ڪندي پڇيو ته توهان جي نظر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وڌيڪ بهتر آهي يا سرسو جو CIF وارو پروگرام؟ سڀني عورتن هٿ مٿي ڪٿي چيو ته سرسو جو CIF بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اثرائتو، آسان ۽ مددگار آهي. ڇاڪاڻ ته هيءَ رقم اسان پاڻ ۾ فيصلو ڪري ضرورتمندن کي ضرورت وقت ڏيندا آهيون جڏهن ته BISP جي رقم گهٽ به آهي ۽ اُن ۾ بچت ڪرڻ يا ڪو ڪاروبار ڪرڻ ممڪن نه آهي. خوشحال نيٽ ورڪ جي ٽيم وڌيڪ ٻڌايو ته 12706 گهراڻن کي ڏنل CIF جو قرض جيڪا رقم -/130564300 ڦيرايل رقم جو 76% سيڪڙو آهي. ۽ خوشحال نيٽ ورڪ پاران نلڪا ۽ غسل خانا پڻ ٺهرايا ويا آهن جڏهن ته ايل.ايس.او جون 3 آفيسون کولڻ، تڪرار ۽ قبيلائي جهڳڙا ختم ڪرائڻ، بند پيل اسڪول کولرائڻ، 766 ميمبرن ۾ 1532 وَڇيون ورهائڻ، عورتن جي حقن تي سيمينار ڪونرائڻ ۽ 60 ڳوٺن ۾ 1575 مختلف قسمن جا وڻ لڳرايا آهن. ۽ ايل.ايس.او يو.سي جي 1800 نوجوانن کي فوج ۽ رينجرز ۾ ڀرتي ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي. جڏهن ته 238 غريب نياڻين کي ڏاج پڻ فراهم ڪيو. انڪان علاوه 1577 عورتن کي ڪِچن گارڊن جون ڪِٽون فراهم ڪيون ويون ۽ فرش بندي پڻ ڪرائي وئي.



ضلعي جيڪب آباد جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSO) ڪائنات جي ڪارڪردگي ٻڌائيندي عابده چيو ته اسان جي ايل.ايس.او ۾ منظم گهراڻن جو تعداد 3541 آهي. CIF ميمبرن جو تعداد 534 جنهن رقم -/618,6000 روپيه آهي. LSO پاران ڪيل ڪمن جو تفصيل ۽ مستقبل جي ڪيل رٿابندي بابت

آگاهہ ڪيو، جنهن ڪانپوءِ سوالن جا جواب ۽ مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جا حل ٻڌايا.

ڪمشنر سکر عباس بلوچ ڪين مخاطب ٿيندي صلاح ڏني تہ توهانجي علائقي ۾ جيترا بہ اسڪول بند پيل آهن انهن جي نشاندهي ڪري ڪيس درخواست ڏيو تہ متعلقہ آفيسرن سان ملاقاتون ڪري اُهي سيئي بند پيل اسڪول ڪولرائڻ ۾ توهان جي ڀرپور مدد ڪندس. هِن ڳوٺاٽين تنظيمن ڪي درپيش ايندڙ سرڪاري سطح تي سيني مسئلن جي حل لاءِ يقين پڻ ڏياريو. ڪمشنر چيو هيءُ هڪ اهم ۽ شاندار گڏجاڻي آهي جتي هڪ ڇت هيٺان سنڌ جي مختلف ضلعن مان مختلف ذاتين ۽ قبيلن جون امڙيون ۽ ڀينرون ويٺيون آهن ۽ اعتماد سان پنهنجا مسئلا ٻڌائي رهيون آهن. توهان جي پُراعتماي ڏسي مون ڪي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي.





ڪمشنر پنڊال ۾ ويٺل عورتن ڪي چيو تہ هيءَ دفعي واري گڏجاڻي ۾ توهان پنهنجا سمورا مسئلا ڪٺي اچجو تہ آءٌ متعلقہ آفيسرن ڪي اوهان جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ چوندس. ڪمشنر ڪين صلاح ڏني تہ تعليم جهڙي زيور سان پنهنجي ٻارن ڪي مالامال ڪيو. تعليم جهڙي زيور بدولت هو مستقبل جا معمار بڻبا. ڪابہ عورت جيڪڏهن پنهنجي گهر ۾ اسڪول هلائڻ چاهي ٿي تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪان ڪيس سهڪار وٺي ڏبي. اُهي ڪين ڪتاب، فنڊ ۽ فرنيچر مهيا ڪري ڏيندا.

سرسو جي چيئرمين شعيب سلطان خان مخاطب ٿيندي چيو تہ مان هميشہ توهان ڪي منظم ٿيڻ تي زور ڀريندو رهيو آهيان ۽ اڄ سمجهان ٿو تہ منهنجو خواب ساڀيان بڻجي پيو آهي. ڇوتہ توهان منظم ٿيا آهيو تہ اڄ توهان جي وچ ۾ اعليٰ سرڪاري عملدار موجود آهن، جيڪي نہ صرف توهانجا مسئلا ٻڌي رهيا آهن بلڪہ انهن جي حل لاءِ پڻ اوتروئي دلچسپي وٺي رهيا آهن. سچ پچ سرڪاري آفيسر تہ هوندا ئي عوام جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ آهن.



چيئرمين چيو تہ اڄ ڪمشنر پاڻ اوهانکي ٻڌو، اوهان سان مليو اوهان سيني جون صلاحيتون ۽ ڪوششون ڏٺيون، توهان جي مسئلن جي حل لاءِ توهان سان واعدو ڪيو. مان توهان سيني ڪي مبارڪ ڏيان ٿو.

تقريب جي آخر ۾ فضل الله قريشي سيني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو تہ ڀيو ڪجهہ نہ صحي پر تقدير ڪي بدلائڻ اسانجي پنهنجي هَٿَ ۾ هوندو آهي. سڀجي حياتي غربت ۾ گهارڻ قسمت ناهي هوندي، توهان همت ڪئي آهي تہ اڄ اسان سيئي، سرسو ادارو ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار اوهان سان گڏ آهيون.

*

# سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ هٿ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ جي نمائش



ثمينہ برڪت علي
مئنيجر انٽرپرائيز سيڪٽر

هٿ جو هُنر تنڌي ڪنڊ ۾ تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جو لازوال اهڃاڻ رهيو آهي. اهڙو شاهڪار هنر دنيا جي مارڪيٽن جي زينت ٿيڻ بجاءِ ڪجهه ماڻهن جي ضرورت تائين ئي محدود رهندي ڪجهه معاشي پورت ڪندو آيو آهي.

سونهاري سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن ۽ جهرجهنگ ۾ رهندڙ اسان جون مائرون، ڀينرون اڄ بہ اهڙي هٿ جي هنر سان مالا مال آهن، پر بدقسمتيءَ سان اهڙي هُنر کي ڪا مناسب پذيرائي ناهي ملي ۽ ڪاخاص پورهئي جي اُجرت بہ ناهي. سنڌ جي اهڙي شاهڪار ۽ لازوال هُنر کي هٿي وٺرائڻ لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ سان گڏوگڏ انهن عورت ڪاريگرن جي صلاحيتن کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) نہ صرف انهن کي اقتصادي طور تي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي بلڪہ انهن ڪاريگر عورتن جي هٿ جي هنرن کي دنيا جي مارڪيٽن تائين پهچائڻ لاءِ بہ عملي طور تي ميدان ۾ نڪري چڪي آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ 24 کان 26 جنوري 2014ع تائين ڪراچي ڪلفٽن جي اوشين مال ۾ لڳايل سرسو پاران سرتيون سنگ ڪرافٽ فيسٽيول هجي يا 5 کان 7 جون 2015ع تائين حيدرآباد جي سنڌ ميوزيم ۾ لڳايل ميلو هجي يا ڪٿي انڊيا ۾ هٿرادو هنري شين جي ست روزه نمائش چونہ هجي، سرسو سنڌ جي اترين ضلعن سکر، خيرپور ميرس، قمبرشهدادڪوٽ، نوشهروفيروز، جيڪب آباد، شڪارپور سميت 10 ضلعن جي هنرمند عورت ڪاريگرن معاشي طور پاڻ پرو ڪرڻ ۽ ڪين دنيا سطح تي هنن محنت ڪش عورتن جي هٿ هنر ۽ ڪاريگريءَ کي منظرعام تي آڻڻ آهي.



تازوئي حيدرآباد ۾ سرتيون سنگ ڪرافٽس فيسٽيول جي افتتاحي تقريب آصف حيدر شاهہ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد هٿان ٿي گذري. هن موقعي تي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، رخسانہ رياض علي آصف حيدر شاهہ کي اسٽالن جي وزٽ پڻ ڪرائي ۽ هٿ جي ڪاريگريءَ سان جڙيل مختلف شين جا تحفہ پڻ ڏنا. ڊپٽي ڪمشنر فيسٽيول ۾ هنري نمونن جو جائزو ورتو ۽ هنرمند عورتن سان ملاقات پڻ ڪئي.

سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ اترين سنڌ سان واڳيل عورتن جي هٿ جي هنر ۽ ڪاريگري جي نمائش لاءِ ٽن ڏينهن جو ميلو لڳايو ويو جتي رليون، موڙا، گج، بيڊ شيٽون، ڊرنسيٽ، ڪپڙا، اجرڪ سان تيار ٿيل مختلف هنري نمونا، رِوا، قميصون، ڪُشن ڪورم بيگ ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون شيون نمائش ۽ وڪري لاءِ رکيون ويون. حيدرآباد جي شهرين ڏينهن کان رات تائين اچ وڃ ڪري بي انتها دلچسپي ورتي، خريداري ڪئي ۽ سرسو جي ان عمل کي وقت جي ضرورت قرار ڏيندي بيحد ساراهيو.

خريدارن اسٽالن جو غور سان مشاهدو ڪندي، اسٽالن تي وينل هٿ سان تيار ڪندڙ شين جي ماهر ڪاريگر عورتن سان مِليا، جيڪي پنهنجي پنهنجي ڳوٺن کان کھي حيدرآباد آيون هيون.

سندن سادگي ۽ لفظ تہ خاموش هئا، پر هنن جي هٿ جوهنر پاڻ ڳالهائي رهيو هو. پنهنجي گهرن جيان اسٽالن تي بہ سادگي سان ويٺل عورتون پنهنجي ٺي شين جو ڪاٿو پاڻ خريدارن کي ٻڌائي رهيون هيون. سندن لهجي ۾ نہ تہ ڪا بناوت هئي، نہ وري لفظن ۾ ڪا سرمائيداري نظام جي ڪا ڇاڻ هئي نہ ئي منافعي جي ڪا لالچ.

هن نمائش ۾ حيدرآباد کان علاوه ڪراچي، هالا، ٽنڊو، ڄامشورو، ڪوٽڙي، ٽنڊوالهيار ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.



هن نمائش جي ڪوريج لاءِ آيل ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي خيرپور ميرس سان تعلق رکندڙ گُل خاتون جو چوڻ هيو تہ پهريان اسان جون عورتون گهرن جي ڪم ڪار سميت رليون، پرت ۽ گجرا سبڻ ۾ مشغول هونديون هيون ۽ هينئر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن کين معاشي طور سگهارو بنائڻ لاءِ ڀرپور اعتماد ڪري اڳتي آندو آهي. سندن هٿن سان تيار ڪيل موڙا، شوپيس، ڪپڙا، رليون ۽ ٻيو سامان نمائش جي مرحلن مان گذري وڏين وڏين مارڪيٽن ۾ جاءِ والاڙڻ لڳو آهي. هن چيو تہ سرسو جي اچڻ کان اڳ سندن هٿ جي هنر جي ڪنهن بہ قسم جي اقتصادي ڇاڻ ۽ قدر نہ هو، نہ ڪو مُلهہ هيو نہ ئي وري ماڻهو ۽ مارڪيٽ هئي، گل خاتون کين ٻڌايو تہ سرسو عورتن کي پاڻ ڀرو ڪرڻ لاءِ اتر سنڌ جي 10 ضلعن جي مختلف ڳوٺن ۾ 20 عورتن تي ٻڌل ڪميونٽي گروپس جوڙيا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ هاڻي کين محنت جو ڦل ملي رهيو آهي جنهن سبب ڪنهن حد تائين معاشي آسودگي ملي آهي.

هن هُنر کي اڳتي ترقي ڏيارڻ جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ انهن عورتن کي مردن وانگر اقتصادي طور پنهنجن پيرن تي بيهارڻ آهي. اِهو هنر جديد دنيا ۾ مقبوليت ماڻي چڪو آهي جنهن ۾ فطرت جا ڏيک، سونهن ۽ هڪ منفرد حسن آهي. سرسو ٿورڙي ئي عرصي ۾ 10 هزار عورتن جي هٿ واري هنر کي سنواريو ۽ نکاريو آهي، جن جي هٿن جون ٺاهيل منفرد ۽ بهترين شاهڪار شيون وڏي مقدار ۾ وڪري لاءِ موجود آهن.



سرسو جي چيف ايگزيڪٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي جو چوڻ هيو تہ سرسو ڪميونٽي بنيادن تي ڪم جو آغاز ڪري ٻهراڙين جي عورتن کي ايترو قابل بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي جو عورتون اڄ پنهنجا ڳوٺ ۽ گهر وارا ڇڏي نمائشي پروگرامن ۾ پنهنجي هٿ سان ٺاهيل شين جو خود وڪرو ڪري ناڻو ڪمائي رهيون آهن.

ٽي روزه هن نمائش ۾ تيار ڪيل شين جا رنگين ڪارڊ پڻ جاري ٿيل هئا، جنهن ۾ ٺاهيل شيءِ جو نالو، تيار ڪندڙ عورت جو نالو، ڳوٺ جو مڪمل پتو، موبائل نمبر ۽ لاڳت ڪيل محنت جي تاريخ پڻ شامل هئي. گڏوگڏ هن ثقافتي نمائش ۾ لوڪ گيتن جي محفل پڻ سجائي وئي جنهن ۾ سنڌي راڳين سيف علي، تاج مستاني ٻين پنهنجي منڙي ۽ مخصوص انداز ۾ راڳ ڳائي مهراڻ جي موتين کي وڌيڪ مهڪائي ڇڏيو.

نمائش ۾ ايندڙ مردن ۽ عورتن، مردن جي هن سماج ۾ ڳوٺاڻين عورتن کي روزگار ڪرڻ جي قابل بڻائڻ کي سُٺو سَوڻ قرار ڏيندي سرسو جي اهڙي عمل کي بيحد ساراهيو سندن چوڻ هيو تہ حيدرآباد جيڪو سنڌ جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي اُتي سنڌ جي ٻين علائقن جو هنر متعارف ڪرائڻ ۽ وڪرو ٿيڻ سچ پچ هتان جي شهرين لاءِ وڏي اهميت رکندڙ آهي.

# روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو پروجيڪٽ

## گهوٽڪي ۾ موبائيل ڪلينڪ (گشتي دواخانو) ذريعي جانورن جو مفت علاج: هڪ انقلابي قدم

امام علي ڏيٿو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر- گهوٽڪي

روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ واري پروجيڪٽ (LEP) جي فيز ٻه جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ هِن وقت LEP-NO COST EXTENTION هلندڙ آهي، جيڪو پروجيڪٽ آڪٽوبر 2014ع کان عمل پيرا آهي. هِن پروجيڪٽ جون هيٺيون سرگرميون آهن، جيڪي ضلعي گهوٽڪي جي شروعاتي ڇهن يونين ڪائونسلن جن ۾ خانپور تعلقي جون ٽي يوسيز يعني خانپور، لوهي ۽ پيٽور ۾ هلندڙ آهن. جڏهن ته تعلقي گهوٽڪي جون ٻه ٽي يوسيز جن ۾ علي باغ، باگوڊهو ۽ ٻيرڙي شامل آهن.

1. تربيتون Trainings
2. ريفريشر تربيتون Refresher Trainings

هن قسم جي تربيت ۾ اهي ماڻهو شامل آهن، جن جون اڳ ۾ تربيتون ٿيل آهن. پر ٻن ڏينهن تي مشتمل هي تربيتون ٻيهر ان لاءِ ڪرايون وڃن ٿيون ته جيئن اڳ ڪيل تربيت جي پيٽ ۾ ڪين ٻيهر ڪورس متعلق ورجاءَ ڪرائجي ۽ ماڻهن جي هنر ۾ بهتر اضافو آڻي سگهجي. ريفريشر ڪورس ۾ ٽن قسمن جون تربيتون شامل آهن جيڪي هيٺيون آهن.




- دڪانداري Shopkeeper: هن تربيت ۾ اهي ماڻهو شامل آهن جن کي پروجيڪٽ هيٺ سندن معيار زندگي بهتر بنائڻ لاءِ دڪان کولڻ ۾ مدد ڪئي وئي آهي. ان دوران ڪين پنجن ڏينهن تي مشتمل تربيت ڪرائي وئي هئي جنهن ۾ دڪانداري متعلق ڪين ڄاڻ ڏني وئي. هِن وقت ٻيهر ڪين ان ئي تربيت جو ورجاءَ ڪرايو پيو وڃي ته جيئن هُو بهتر طريقي سان دڪانداري ڪري سگهن.
- مال مويشي جي سارسنڀال Livestock Management Training: هي تربيت انهن غريب عورتن کي ڪرائي پئي وڃي جن کي LEP پروجيڪٽ هيٺ پنهنجي معيار زندگي بهتر بنائڻ لاءِ مال جنهن ۾ ڍڳي، مينهن، وَڇ يا وهڙيون ڏنيون ويون آهن.



- باهمر مفاد ڪاروباري گروپ Common Interest Group (CIG) : هي تربيت فقط انهن ماڻهن جي ڪرائي پئي وڃي جيڪي هم مفاد ڪاروباري گروپ ٺاهي پنهنجا ڪاروبار بهتر بڻائي رهيا آهن. جن ۾ گهرن ۾ رليون ٺاهڻ، پرت ۽ ڪڙهائي جا ڪم ڪرڻ، ٽوپيون ٺاهڻ، وڃڻا، اگٺ ۽ ڇپيون ٺاهڻ وغيره جو ڪم ڪن ٿا. هنن تربيتن ۾ ترقي (Advancement) جون تربيتون به شامل آهن. جنهن مطابق اڳ ڪيل تربيتي ڪورس جي

واڌاري لاءِ وڌيڪ تربيت ڪرائي پئي وڃي، جنهن ۾ هٽرادو طريقي سان جانورن ۾ ٻج رکڻ، (A-I Course)، مال جي سارسنڀال لاءِ ڪيل ڪورس، سلائي جو ڪم ڪرڻ وغيره. جڏهن ته ڪجهه نيون تربيتون به ڪرايون پيون وڃن، جنهن ۾ پائيپ فٽر، پلمبر ۽ فيبريڪيٽر جهڙيون تربيتون شامل آهن.

**2: جانورن جي علاج لاءِ گشتي دواخانو (Livestock Mobile Clinic service (LMC):** هي هِڪ نئون تجربو آهي، جنهن هيٺ هِڪ ڪيري وين ذريعي موبائيل سروس شروع ڪئي وئي آهي جنهن ۾ هِڪ ماهر ڊاڪٽر ۽ ٻه اسسٽنٽ روزاني بنياد تي ڳوٺ ڳوٺ وڃي جانورن جو مفت ۾ علاج ڪري رهيا آهن ۽ مفت ۾ دوائون به ڏئي رهيا آهن. هي سروس بنيادي طور تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSOs) جي گڏيل نيٽ ورڪ ذريعي ڏني پئي وڃي. جڏهن ته ان جي لاءِ مالي تعاون PPAF جو حاصل آهي. بنيادي طور تي هِن گشتي دواخاني ذريعي هيٺيون خدمتون (Services) ڏنيون پيون وڃن.

الف) مال جي چڪاس ڪرڻ ۽ بيماري وغيره معلوم ڪرڻ.

ب) ضروري ٽيسٽون ڪرڻ جنهن ۾ رت جي ٽيسٽ، جانور جي حامله ٽيسٽ Pregnancy Test ۽ ڇيٽي Goober Test وغيرو شامل آهن.

ت) ويڪسينيشن ڪرڻ ته جيئن جانورن کي مند جي بيمارين جهڙوڪ FMD وغيره کان بچائي سگهجي.

ث) De-worming : جانورن جي پيٽ ۾ موجود ڪيڙا وغيره ختم ڪرڻ لاءِ علاج

ج) جانورن جي بهتر صحت لاءِ DCP پائوڊر جي ورهاست

ح) بيمار جانورن جو مڪمل علاج ۽ دوائون مهيا ڪرڻ.



ذڪر ڪيل سڀئي خدمتون (Services) ڳوٺ ڳوٺ وڃي ماڻهن جي در تي مفت ۾ ڏنيون پيون وڃن. ان کان علاوه On Call سروس پڻ ڏني پئي وڃي، ڪنهن به ايمرجنسي جي صورت ۾ فقط هِڪ ڪال ڪرڻ عيوض موبائيل ڪلينڪ ان ڳوٺ ۾ پهچي وڃي ٿي ته جيئن ڪنهن به ايمرجنسي جي صورتحال ۾ ماڻهن جي مال کي بچائي سگهجي. جيڪو غريب ماڻهن جي سڀ کان وڏي ملڪيت آهي. گشتي دواخاني ذريعي هِڪ ٻي شاندار سروس پڻ ڏني پئي وڃي، جنهن ۾ جانورن کي هٽرادو طريقي سان بهترين نسل جي ڍڳين جو ٻج رکيو پيو وڃي ته جيئن غريب عورتن جي گهٽ نسل وارين ڍڳين کي بهترين نسل جي ڍڳين ۾ تبديل ڪيو وڃي.

هن سروس کي ماروئڙن مان بهترين موٽ ملي آهي، عام ماڻهن لاءِ ان قسم جي مفت سروس جو هن کان اڳ ڪو مثال ڪونه ٿو ملي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن هِڪ ڏينهن اڳ ۾ موبائيل ڪلينڪ ٽيم جي اچڻ متعلق ڳوٺاڻن کي اطلاع ٿو ڏجي، ته اڳئين ڏينهن تي هُو پنهنجي جانور سميت هِڪ ئي جاءِ تي قطار ۾ بيٺل هجن ٿا. ان هنڌ تي جتي انسانن جي علاج لاءِ موبائيل ڪلينڪ سروس موجود نه هجي، اتي جانورن جي علاج لاءِ گشتي دواخاني جو ڪم ڪرڻ يعني ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. مالوند غريب ماروئڙا سرسو جي اهڙي قدم مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن.

**

# روزگار جي واڌاري واري پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ بزرگ عورت مائي نموئي

سيد شاهن شاهه
پروگرام آفيسر MER گهوٽڪي

هي ڪهاڻي جيڪا سرسو ۽ غريب عورتن جي ڪوششن ۽ ڪاوشن جو چٽو ثبوت آهي، هڪ عورت جيڪا غريب، مسڪين ۽ لاچار طور سڃاتي ويندي هئي. جنهن پنهنجي زندگي جي جدوجهد ۾ سرسو جي ڳڌيل سهڪار سان اُهو ڪجهه ڪيو جيڪو هن جي گهر جي بنيادي ضرورت هئي. مائي نموئي جيڪا هن ڪهاڻي جو مُک ڪردار آهي، سا ڳوٺ چڪ اسلام آباد يونين ڪائونسل خانپور ضلع گهوٽڪي جي رهواسڻ آهي. مائي نموئي 69 سالن جي باهمت بزرگ عورت ان وقت پاڻ کي تمام گهڻو پريشان ۽ بي يارومددگار محسوس ڪيو جڏهن هن جو جيون ساٿي سندس مڙس هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وڃي مالڪ حقيقي سان مليو. ڇو جو هو پنهنجي خاندان جو واحد ڪفالت ڳذار هيو. هو جڏهن ڪمائيندو هيو ته گهر جي چُلهه ٻريندي هئي.



نموئي گهر جا مالي معاملا هلائڻ لاءِ تمام گهڻي پريشان ٿي وئي. مڙس جي وفات ۽ مستقل ذميوارين هن کي گهڻو پريشان ڪيو. آمدني نه هجڻ جي ڪري هوءَ صرف گهر جا ڪجهه ئي خرچ پورا ڪري پئي سگهي. نموئي جو پٽ معشوق جيڪو پنهنجي گهر واري ۽ ٻن ٻارن سميت پنهنجي والده سان گڏ رهي پيو. اهڙين حالتن جي دوران اڃان گهر جا مالي مسئلا حل ٻه ڪونه ٿيا هئا ته اچانڪ نموئي جو پٽ معشوق ذهني مريض ٿي ويو، جيڪو نموئي لاءِ هڪ اڻ سوچيل صدمي کان گهٽ نه هيو. ڏينهون ڏينهن معشوق جي حالت خراب ٿيندي پئي وڃي ۽ آخرڪار هو مستقل ذهني مريض بڻجي ويو. پٽ جي ان حالت نموئي ۽ سندس خاندان کي تمام گهڻو لوڏي ڇڏيو. پر ذميدارين جي اڪاس مائي نموئي کي ڪنهن اڻ وڻندڙ واقعي کان بچائي ورتو. پٽ جي بيماري کان پوءِ هن پنهنجو پاڻُ ۽ پٽ جي ٻارڙن کي سنڀاليو ۽ سندن ذميدارين جو احساس ٻه شدت سان محسوس ڪيو. هن پٽ جو علاج ڪرايو پر هن جي ذهني حالت ساڳئي رهي. ان دوران نموئي مالي حساب سان تمام گهڻين مشڪلاتن کي منهن پئي ڏنو.

مائي نموئي چيو ته، انهن سخت ۽ مشڪل ڏينهن ۾ سرسو جي ڪارڪنن VO سان گڏجي ڪري روزگار جي واڌاري وارو پروگرام LEP شروع ڪيو. ته مون ان پروگرام مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سيڙپ وارو منصوبو جوڙيو ۽ پنهنجي VO وٽ جمع ڪرايو. منصوبي موجب سرسو کي اثاثو مهيا ڪرڻ لاءِ VO نموئي جو نالو ڪريانه شاپ لاءِ نامزدگي جي سفارش ڪئي.

سرسو جو بنيادي مقصد ڳوٺاڻن کي منظم ڪرڻ سان گڏ انهن ۾ لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ پڻ آهي ته جيئن اهي انهن صلاحيتن جو بهتر استعمال ڪندي روزگار جا ذريعا پيدا ڪن ۽ مستقل بنيادن تي مناسب آمدني جو بندوبست ڪن. اهڙي طرح سرسو ڳوٺاڻي سطح تي منظم ٿيل غريب عورتن سان گڏجي انهن جي آمدنين ۾ آيل رڪاوٽن کي هميشه لاءِ هٽائڻ ۾ انهن جي هرممڪن معاونت ڪري ٿو.



سرسو VO جي سفارش جي روشني ۾ مائي نموئي کي ڪريانه شاپ جو بنيادي سامان مهيا ڪيو جنهن جي ماليت 50 هزار آهي. ۽ اهڙي طرح مائي نموئي پنهنجي ڳوٺ اندر مانڊلي (دوڪان) کوليو ۽ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. شروع ۾ هن جي دوڪان تي ماڻهو گهٽ ايندا هئا، پر آهسته آهسته نموئي جي بهتر طريقي ۽ مثبت رويئي هن جي روزمره جي دوڪانداري ۾ اضافو آڻڻ شروع ڪيو. جڏهن ماڻهو سودو وٺڻ لاءِ اچڻ لڳا ته نموئي به دوڪان ۾ موجود سامان کي وڌائڻ شروع ڪيو. هن وقت مائي نموئي -/500 روپيه روزانه جي حساب سان پنهنجي دوڪان مان ڪمائي پئي. جيڪا بظاهر هن جي گهر جي روزمره جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ مناسب آمدني آهي.

اهڙي آمدني جي ڪجهه وقت ڪانپوءِ مائي نموئي ڪجهه پئسا بچائڻ به شروع ڪيا ته جيئن ڪنهن وقت سر ڪم اچي سگهن. بقول مائي نموئي جي، ته هي بچت انهن ڏکن ۽ تڪليفن جي نتيجي ۾ آهي جيڪي مون ۽ منهنجي خاندان مڙس جي وفات ۽ پٽ جي بيماريءَ ڪانپوءِ ڏٺيون. نموئي وڌيڪ چيو ته اهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن ٿيندي نظر پئي آيو جڏهن سرسو روزگار جي واڌاري وارو پروگرام شروع ڪيو. هوءَ وڌيڪ پر اميد ان وقت ٿي جڏهن سندن جي VO هن جي منصوبي کي منظور ڪيو ۽ سرسو ڏانهن اماڻيو

مائي نموئي ٻڌايو ته هاڻي مون هميشه لاءِ روزگار جي ذريعي جو بنياد رکي ڇڏيو آهي. ۽ مون وٽ هيو به هڪ ذريعو موجود آهي ان روزگار کي وڌائڻ لاءِ سا آهي منهنجي روزمره جي بچت ۽ روزگار کي وڌائڻ جو منصوبو. انهن سمورين ڪوششن ۽ موجوده ڏندي ۽ آمدني ڪانپوءِ مائي نموئي پنهنجي حالتن جي تبديلي کي هن ريت به بيان ڪري ٿي:



ڪجهه وقت اڳ مان بلڪل بي وس ۽ لاچار هيس، مون وٽ پيٽ پالڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هيو. پر هاڻ دوڪان کولڻ ۽ بهتر روزگار ڪرڻ ڪانپوءِ مون وٽ ڪائڻ لاءِ مناسب ڪاڌو به آهي، پنهنجي ٻارن جي پائڻ لاءِ مناسب ڪپڙا به آهن. هاڻ منهنجي هڪ خواهش آهي ته مان پنهنجي پٽ جو علاج ڪنهن وڏي اسپتال جي ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کان ڪرائڻ چاهيان ٿي ته جيئن منهنجو پٽ چاڪ چڱو ڀلو ٿي روزگار ڪمائڻ جي لائق ٿي پوي.

*

# بزرگن جي ڀلائي وارو پروگرام



نثار احمد پناڻ
ڪوآرڊينيٽر HAI

دنيا جي گولي تي نظر ڊوڙائي ڏسبي تہ پاڪستان دنيا ۾ ڇهون نمبر وڏوملڪ آهي، جتي 60 سالن کان مٿي عمر جا ماڻهو آهن. وطن عزيز دنيا جي اهڙن 15 ملڪن واري فهرست ۾ شامل آهي، جتي هڪ ڪروڙ کان مٿي بزرگ رهن ٿا جيڪي قانوني طور بنيادي حقن ۽ سهولتن کان واجهيل آهن. ۽ اهڙن بزرگن جي ڏاهپ ۽ تجربي مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿو ورتو وڃي ۽ نہ ئي کين ملڪي، معاشرتي ۽ معاشي ترقي جي ڌارا ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي. عام تاثر اهو آهي تہ 60 سالن کان مٿي عمر وارا ماڻهو معاشري جي ترقيءَ لاءِ ڪوبہ ڪردار ادا نہ ٿا ڪري سگهن، ان ڪري کين پاسيرو ڪيو ويو آهي، ۽ نتيجي ۾ اهڙا تجربيڪار، وقت جا معمار ۽ جواني ۾ گهرن جا علمبردار پاڻ کي احساس ڪمتري ۾ سمجهندي سست، ڪاهل ۽ پاڻ کي بوجهہ سمجهيو ويٺا آهن. جيڪا دراصل وس وارن جي ڪم عقلي آهي ۽ حقيقت جي ابتڙ آهي.

هيلپ ايج انٽرنيشنل دنيا جو واحد ادارو آهي جيڪو بزرگن کي دوست جي حيثيت ڏيندي انهن جي فلاح، بهبودي ۽ حقن لاءِ مالي سهڪار ڪندي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انهن ماڻهن جي ڏاهپ دانشمندي مان درس حاصل ڪرڻ لاءِ وس وارن ۽ ڳوٺن واهڻن ۾ "واڪا ڪرڻ مون وس - ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو" جهڙو ڪم ڪري رهيو آهي.



هيلپ ايج انٽرنيشنل 2010ع کان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان گڏجي شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعي ۾ بزرگ دوستن کي معاشري جو طاقتور ۽ ڪارآمد ماڻهو ڪرڻ لاءِ مختلف پروگرامن ۾ مالي سهڪار ڪري رهيو آهي جنهن جو تفصيل ڪجهہ هن طرح آهي:

- بزرگ دوستن جون تنظيمون ٺاهڻ.
- مفت اکين جون ڪيمپون هڻائڻ.
- مفت ويل چيئرس جي ورهاست
- زراعت ۽ باغباني ۾ مصروف ڪندي سبزيون پوکرائڻ
- مرغين پالڻ واري ڪرتِ ذريعي غذائي خوراڪ پوري ڪرڻ سان گڏوگڏ آمدني وڌائڻ
- قدرتي آفتن کان آگاهي جون تربيتون
- راندين ڪرڻ لاءِ ڪلب ٺاهڻ
- شجرڪاري ڪرائڻ
- بغير وياج قرض ڏيندي ننڍا ڪاروبار ڪرائڻ
- بزرگن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ، ريليون ڪڍڻ






- بزرگ دوست تنظيمن جون تربيتون ڪرائڻ
- بزرگ دوستن جون تعلقہ ۽ ضلعي سطح تي تنظيمون ٺاهڻ
- قانوني ادارن سان لهہ وچڙ ڪندي بزرگن ڪي قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ
- تنظيمن جي رجسٽريشن ڪرائڻ
- لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSO) ۽ ٻين سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن سان ڳانڍاپو ڪرائڻ
- پارليامينٽ ۾ بزرگن جي تحفظ لاءِ قانون پاس ڪرائڻ
- ٻين ادارن سان گڏجي ڀلائي جا ڪم ڪرڻ تي اُڪسائڻ
- انگ اکر گڏ ڪرڻ جون تربيتون ڏيڻ
- تنظيمي سطح تي بچت ڪرائڻ



سرسو ان ڏس ۾ بزرگ ماڻهن سان ڪم ڪندي کين معاشري جو ڪارآمد فرد ٺاهڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. سندن وڪالت ڪندي بزرگن کي تعلقي / ضلعي سطح تي نمائندگي ڏياريندي کين احساس محرومي ۽ ڪمتري مان ٻاهر ڪڍيو آهي. بزرگ عورتون ۽ مرد زراعت، سلائي ڪڙهائي، مال متاع پالڻ ۽ دوڪان هلائڻ وارا ڪم ڪري رهيا آهن. اهڙي ڪرتِ سان سندن آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ کين معاشري، گهرن ۽ ڳوٺن ۾ عزت پڻ ملي رهي آهي ۽ هنن بزرگن جي خود اعتمادي بحال پڻ ٿي آهي. اهو ڪم جاري ۽ ساري آهي، جنهن کي ڏسڻ ۽ پرکڻ لاءِ مختلف شعبہ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ ماڻهو اچي سبق پرائين ٿا.

هر دور انسان کي اهو درس ڏنو آهي تہ پاڻ کان وڏي عمر واري ماڻهو جو احترام ڪن ۽ ننڍي عمر واري سان شفقت سان پيش اچن. هن پروگرام ذريعي اهڙي وسريل ورق جي ياداشت ڏياري وڃي ٿي، جو پڻ نئين ٽهيءَ جي نوجوانن لاءِ هڪ مؤثر پيغام آهي.

### ڪيل ڪم جو وچور

| تفصيل | ضلعا | | ٽوٽل |
|---|---|---|---|
| | شڪارپور | جيڪب آباد | |
| تنظيمن جو تعداد | 50 | 57 | 107 |
| بغير وياج ڏنل قرض | 1 ڪروڙ | 1 ڪروڙ | 2 ڪروڙ |
| يونين ڪائونسلز | 15 | 16 | 31 |
| رجسٽرڊ بزرگ تنظيمون | 26 | 30 | 56 |
| بئنڪ ۾ کليل کاتا | 50 | 51 | 101 |
| LSO سان ڪرايل رابطہ ڪاري | 38 | 25 | 63 |
| تربيتون | 3 | 4 | 7 |
| ٻين ادارن سان رابطہ ڪاري | 11 | 11 | 11 |
| ٺاهيل مينوئل | 3 | - | 3 |
| ورهايل مواد | 2500 | 2500 | 50000 |

*

# ڪلسٽر اسڪول هڪ مثالي درسگاهه

سائره سينار
جنرل ٽيچر - ڪلسٽر اسڪول
سهراب خان ڀهوڙ



تون سائي آءُ سات ته ڏي، انڌير هي ڪيسين رهڻو آ،
هن دوزخ جهڙي دنيا کي، بهشت بڻائي رکڻو آ.

سنڌ جي آباديءَ جو گهڻو حصو ٻهراڙين تي مشتمل آهي. سهولتن جي اڻ هوند جو مختصر جائزو وٺبو ته ٻهراڙين ۾ سهولتن جو وڏو فقدان نظر ايندو. بنيادي سهولتن جي کوٽ شهري آباديءَ جي بنسبت تمام گهڻي نظر ايندي. صحت جون سهولتون ورلي ڪي نظر اينديون، تعليم جي حوالي سان جي ڏسجي ته اهڙا ڪوڙ ساترا اسڪول نظر ايندا جيڪي نالي ماتر اسڪول آهن. ميڊيائي رپورٽن مطابق سنڌ جي ٻهراڙين جي اڪثر اسڪولن ۾ ته چارديواري نه هجڻ سميت پاڻي، ليٽرينن جو پڻ بندوبست نه ٿيل هوندو آهي.

چوڪرن جا اسڪول ته ٺهيو نياڻين جي اسڪولن تي به وڏيرن جا قبضا آهن، اسڪول گودام بڻايا ويا آهن ته وري ڪٽي واڙن ۾ تبديل ڪيا ويا آهن. هڪ طرف ٻهراڙين ۾ اسڪولن جون اهڙيون رپورٽس اخبارن ۾ پڙهي ڏک ٿيندو آهي ۽ وري ٽيليويزن تي ظلم ڏسي اک رويو وڃي. پر سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اهڙا اسڪول به ناهيا ويا آهن جتي موجوده دؤر جي سيني شين جو خاص خيال رکيو ويو آهي.



جي ها! منهنجو اشارو امن و امان جي حوالي سان متاثر ضلعي شڪارپور جي تعلقي خانپور جي هڪ پُٺتي پيل ڳوٺ سهراب خان ڀهوڙ ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران قائم ٿيل ايليمينٽري ڪلسٽر اسڪول ڏانهن آهي.

سُٺي بلڊنگ جي اڏاوت سان گڏوگڏ اعليٰ فرنيچر، وائيٽ بورڊ، ڪلاسن جو ڪشادو هجڻ مناسب ڪليل ميدان، ميدان ۾ ڇپر جي پوڪائي، ٿڌي پاڻيءَ جو خاص انتظام، راندين جو سامان، اسڪول جي بلڊنگ ۾ گل ٻوٽن جي هجڻ ۽ شاگردن کي سرسو پاران مفت تعليم کان وٺي مفت پڙهائي جا ڪتاب ۽ ٿيلها پڻ ڏنا ويا آهن.



سهراب خان ڀهوڙ ۾ قائم هن ڪلسٽر اسڪول ۾ پڙهائي جي لحاظ کان ڪمزور ٻارڙن لاءِ فائونڊيشن ڪلاسن جو انتظام پڻ ڪيو ويو آهي ته جيئن ڳوٺ ۽ پرپاسي وارا ٻارڙا تعليم جي ميدان ۾ اڳتي اچي سگهن. هن ڪلسٽر اسڪول ۾ نصابي سرگرمين سان گڏوگڏ غيرنصابي سرگرمين تي پڻ ڌيان ڏنو ويندو آهي. تازو ئي مارچ ۾ راندين جو هفتو ملهايو ويو جن ۾ شاگردن دلچسپيءَ سان حصو ورتو ۽ آخر ۾ فاتح ٽيمن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا. 23 مارچ



جي حوالي سان تقريرن جو مقابلو ڪرايو ويو، ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، سرڪاري ۽ غيرسرڪاري عملدارن اسڪول جو وقت سر دورو ڪري اسڪول انتظاميہ ۽ استادن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو. ڪلسٽر اسڪول سهراب خان ڀهوڙ ۾ CDP جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر اعجاز مهيسر، ورلڊ بئنڪ جي ڪنسلٽنٽ شفيق پراچا ۽ شڪارپور جي ڊپٽي ڪمشنر هادي بخش زرداري جو پڻ اپريل جي مهيني ۾ هن اسڪول جو دورو ڪيو، ڪلاسن جو معائنو ۽ شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ بعد ڪلسٽر اسڪول جي قيام کي ضلعي جي ٻين علائقن تائين ڦهلائڻ ۾ دلچسپي ڏيکارڻ، سرسو جي حڪمت عملي جي وڏي ڪاميابي آهي.

مارچ 2015ع جي پهرين هفتي ۾ اي.ڊي.او فيميل شڪارپور ميڊم شاهجان سينٽار ڪلسٽر اسڪول سهراب خان ڀهوڙ جي دوري دوران اسڪول جي انتظاميہ سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪلسٽر اسڪول جي انتظاميہ طرفان شاگردن کي وقت تي اسڪول پهچڻ جي پابندي ڪان وٺي اسيمبلي ۾ مختصر ليڪچر جو بنياد وجهڻ تائين جسُ لهڻي. هن چيو تہ اسڪول جي انتظاميہ شاگردن جي تعليم تي خاص توجہ ڏيئي ٿوري عرصي ۾ پاڻ کي مڃايو آهي. ۽ ڀهراڙيءَ جي علائقن مان غربت جي خاتمي ڪان وٺي معياري اسڪولن جي قيام تائين سرسو وڏو نالو ڪمايو آهي.



ڳوٺ سهراب خان جي ٻارڙن جي ڪالهہ تائين تعليم تائين پهچ هڪ خواب هئي. سرسو خوابن جي تعبير ڏني تہ اڄ هتان جي شاگردن ۾ اِها تمنا "ڪر ڪٽي پئي آهي تہ هتان تعليم حاصل ڪري ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل ٿي ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارن جا هڏڏوڪي ٿيندا‌سين.

اسڪول ۾ 400 شاگردن جو تعداد ڏسي جن ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڻ شامل آهن. يقينا هتان علم جي اُڄ اجهائي سُرخرو ٿي سنڌ جي ترقيءَ ۾ شانہ بشانہ حصو وٺي ملڪ جو نالو بہ روشن ڪندا. اهڙي سونهري عمل کي ڏسندي ڳوٺاڻن، والدين کي پنهنجي ٻارن جي روشن مستقبل جي جهلڪ نظر آئي. هنن اهو واعدو ڪيو آ تہ ٻارن جي ڀرپور حاضري کي اسڪول ۾ يقيني بڻائيندا‌سين ۽ علم جهڙي زيور سان ڪين مالامال ڪندي معاشري جو معمار ٺاهڻ ۾ سرسو سان سهڪار ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندا‌سين.

پتنگن پهہ ڪيو مڙيا مٿي مڇ،

پسي لهس نہ لڇيا سڙيا مٿي سچ،

سندا ڳڇين ڳچ ويچارن وڄائيا.

**



# وڻڪاري - زندگيءَ ۾ خوشيءَ جو احساس

محمد زاهد سومرو
پروگرام آفيسر NRM

وڻ تا ڦر جهلين - پاڻ نہ ڪائين پنهنجو،
نــڪر پــتــر ڊوڙــا - سونا ڏار جهلين،
پسو لــڄ لطيف چئي - ويچارن وڻن،
ڦــريو تا ڦـــرن - ڪارڻ پت پنهنجي.

اسان جي سماجي معاشي ۽ ماحولياتي زندگيءَ ۾ وڻن جو وجود تمام وڏي اهميت رکي ٿو. پوکڻ يا لڳائڻ، ان کي پاڻي ڏيڻ، سارسنڀال لهڻ، وڏائي وڏو ڪرڻ طوفان، ڪرڻ کان بچائڻ ۽ ان جي ثمر توڙي ڇانوَ جي استعمال ڪرڻ جا انيڪ فائدا ۽ طريقا آهن. وڻن جي لڳائڻ کان وٺي وڻن جي حفاظت ۽ واڌ ويجهہ تائين سرسو جي قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري واري شعبي جون ڪاوشون واکاڻ جوڳيون آهن.

سرسو پاران وڻ لڳائڻ جي مهم فيبروري 2015ع کان مارچ 15 تائين اتر سنڌ جي ٻن ضلعن شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ ڪئي وئي، جنهن تحت 50 هزارن کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا. اين.آر.ايم جي سرواڻ نثار احمد پٺاڻ جي ڪوششن ۽ دلچسپي سبب ان مهم ۾ ٻيلي کاتي پاران هڪ هزار وڻ مهيا ڪيا ويا. جن ۾ 3500 ٻوٽا جيڪب آباد جي تعلقي ٺل جي 12 ڳوٺن ۾ لڳايا ويا. 3700 جي لڳ ڀڳ سچل سرڪي ڳوٺ ۾ هنيا ويا ۽ 2800 حسين بخش بروهي لڳ جيڪب آباد شهر ۾ لڳايا ويا. اِهي سڀئي ٻوٽا واٽرڪورسز جي پرسان ۽ ڳوٺن جي آس پاس لڳايا ويا.

سرسو پاران هيلپ ايج انٽرنيشنل ۽ بي.ايل.ايف جي سهڪار سان شڪارپور ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۾ 200, 200 ٻوٽا فراهم ڪيا ويا جنهن ۾ ڳوٺ عامر خان ڪوسو، غلام محمد لاشاري، مولابخش ڪنڊراڻي، سڪندرآباد، پراڻو ميرل، ٻيرجو ڳوٺ، عبدالڪريم نوناري، غلام محمد بروهي، سچل سرڪي، ولي محمد ڪوسو، محمد ڇُٽل ٻرڙو، حاجي چانڊيو ٻرڙو، قادر بخش مهر، ڳوٺ خدا بخش ڪنيڙو ۽ ٻيا شامل آهن.



### وڻن جا بيشمار فائدا:

- وڻ چوپائي مال لاءِ بهترين چارو مُهيا ڪن ٿا.
- وڻ آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين ذريعو آهن.
- قدرتي تباهين ۽ زلزلن وارن علائقن ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن ۽ ٻوڏ کي روڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن.
- وڻن سبب برساتن ۾ اضافو ٿئي ٿو.
- وڻ زمين جي ريج کي برقرار رکن ٿا.
- وڻ ٻوڏ ۽ تيز هوائن جي صورتحال ۾ ڍال طور ڪم اچن ٿا.
- وڻ تيز وهڪرن کي ڍرو ڪن ٿا. جنهن سان مينهن دوران جَر جي پاڻي ۾ بي انتها اضافو ٿئي ٿو.
- وڻ زميني کاڌ يا کٽاءُ کي روڪين ٿا.

- وڻ زرعي فصلن کي تيز هوائن ۽ گرم جهولن کان بچائين ٿا.
- جن علائقن ۾ تيز گرم هوائون لڳن ٿيون اُتي وڻن جون حفاظتي قطارون زمين جي صحت ۽ قوت برقرار رکن ٿيون. فصلن جو بچاءُ ۽ پيداوار ۾ اضافو ڪن ٿيون ۽ هر موسم ۾ فصل ڪاهڻ جو ماحول ميسر ڪن ٿيون.
- وڻ ساهه کڻڻ واري آڪسيجن خارج ڪن ٿا ۽ گدلي گيس ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ٿا.



- وڻ زمين ۾ نامياتي مادا ملائي زمين جي زرخيزي بحال ڪن ٿا.
- وڻن جا پن زمين ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ آبادگار دوست جِيتن لاءِ خوراڪ ۽ جيئڻ واري جُوءِ مهيا ڪن ٿا. جيڪي فصلن مان سُٺي پيداوار جا ضامن آهن.
- وڻ سم ۽ ڪلر گهٽائن ٿا ۽ بنجر زمين کي آباديءَ جي لائق بڻائن ٿا.
- وڻ جهنگلي جانورن ۽ پالتو جانورن لاءِ ڪاڌ خوراڪ مهيا ڪن ٿا.
- وڻ گهاٽي، اڻ مَئِي، اُملهه ۽ سُڪون فراهم ڪندڙ ڇانو ميسر ڪن ٿا.
- وڻ ماحُول ۾ آڪسيجن مهيا ڪن ٿا، جيڪا انسانن ۽ ٻين ساهوارن لاءِ جيئدان آهي.
- وڻ سج کان ايندڙ روشني کي صاف ڪن ٿا ۽ ماحولياتي گدلاڻ کي ختم ڪن ٿا.
- وڻ اُونهاري جي گرميءَ سياري جي سرديءَ دوران ساهوارن لاءِ گهربل مزاج مطابق گرميءَ، درجي کي برقرار رکن ٿا.
- وڻ ۽ ٻوٽا زندگي بچائيندڙ دوائون ناهڻ جي ڪم اچن ٿا، ۽ وڻ ٻارڻ مهيا ڪن ٿا.
- وڻ عمارتي ڪاٺ، فرنيچر ۽ ڪاغذ جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا.
- وڻن مان ڪنوُر، لاڪ، ماکي، گل ڦل ۽ ٻج کان وٺي ڪوئلي ۽ ريلوي سليپرن جون ضرورتون به وڻن مان ئي پوريون ٿيون ٿيون.
- وڻ زمين جو زيور، علائقي جي سُونهن ۽ اتان جي سير تفريح ۽ ڪائنات جي خوبصورتي جو ذريعو بڻجن ٿا.
- وڻ ڇانوَ، خوشبو، پکين جون مِٺڙيون مٺڙيون لاتيون، دلڪش نظارا ۽ زندگي ۾ خوشيءَ جو احساس مهيا ڪن ٿا.

ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته انسان جانور، پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، زرخيز زمين، صاف هوا ۽ صاف سٿرو پاڻي گڏجي ڪري ڪيئن نه هڪ خوبصورت ماحول جوڙين ٿا. ان ماحول ۾ هرشيءِ هڪ جيتري اهم آهي. جيڪڏهن اسين ٿورڙي فرصت ڪڍي سوچئون ته گهاٽي ڇانوَ جو احساس وڻن واري واٽ کان گذرڻ جو احساس هڪ نه وسرندڙ خوبصورت احساس لڳندو. گهرن اڳيان وڻ ڳوٺن جي گذرگاهن اڳيان وڻ واٽرڪورسن لڳ وڻ، اوطاق اڳيان وڻ، اسڪول اڳيان وڻ واٽ تي وڻڪاري ۽ واهي ڪنڌيءَ وڻڪار ڪرڻ اسان سڀني جو اخلاقي ماحولياتي ۽ سماجي فرض آهي. اسانجي پاڙيسري ملڪ چين ۾ هر فرد هرسال ۾ پنج وڻ پوکي ۽ پالي ٿو.

اسين نياڻي جي پيدا ٿيڻ تي ملول ٿي ويندا آهيون. ان عورت ماءُ جي زندگي زهر ڪري ڇڏڻ بعد ڪيس طعنا پڻ هڻندا آهيون. هر نياڻي جي پيدا ٿيڻ شرط ان جي نانءُ تي اسين به جيڪڏهن پنج ڦلدار وڻ لڳايون، جيڪي پنجن سالن ۾ جوان ٿيندي لاپ ڏيڻ شروع ڪندا آهن مثلاً انب، ڪجي، ليمون، زيتون وغيره ته ان جي آمدني مان نياڻي جي تعليم ۽ ڏاج جو خرچ نڪري ايندو ۽ اها نياڻي پڻ پيءُ تي بار نه بڻبي.

اچو ته عزم ڪيون اسان سڀ وڻ پوکي ۽ پالي قدرت کي بچايون، پنهنجو پاڻ ۽ ايندڙ نسلن کي بچايون.

*

# نوشهروفيروز ۾ سرسو جي فعال ڪارڪنن جي گڏجاڻي

عبدالماجد ميمڻ
سوشل آرگنائيزر - نوشهروفيروز

پتنگ چائين پاڻ کي، پتنگ جيان پچاءِ،
ٻچڻ گهٽا ٻچايا، تون پچڻ کي پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جنهن جو مقصد ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ غربت جي خاتمي لاءِ اثرائتا اپاءَ وٺڻ آهي تہ جيئن هو انفرادي ۽ اجتمائي طور تي غربت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي زندگيءَ کي بهتر بڻائي معاشري ۾ سٺو مقام حاصل ڪري سگهن. سرسو ضلعي نوشهروفيروز ۾ بہ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. سماجي تحرڪ جو هي پروگرام سيپٽمبر 2014ع ۾ نوشهروفيروز ضلعي جي پنجن يونين ڪائونسلن ۾ شروع ڪيو ويو، جنهن ۾ تعلقي جي ٽن يونين ڪائونسلن يو.سي ڦل، ڏنگيجا، نورپور سميت مورو تعلقي جون بہ يونين ڪائونسلون مناهي ۽ درس ۾ پڻ شروع ڪيو ويو آهن. ضلعو نوشهروفيروز اُتر سنڌ جو اهم ۽ وچ وارو ضلعو آهي هن ضلعي ۾ ڪيئي اين.جي.اوز مختلف پروجيڪٽس تي ڪم ڪري رهيون آهن. پر سرسو جو ڪم گهريلو سطح تي غربت سان جهاد ڪرڻ آهي ۽ انهيءَ پروگرام تحت پنجن يونين ڪائونسلن ۾ پاڙي واريون تنظيمون (Community Organizations) ٺاهيون ويون آهن ۽ انهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف تربيتن جو انعقاد پڻ ڪيو ويو. جنهن ۾ صدر ۽ مئنيجر جون ڪهڙيون ذميواريون آهن؟ ۽ گڏوگڏ ڪين ترغيب پڻ ڏني وئي تہ پنهنجي مسئلن جي نشاندهي ڪيئن ڪجي؟ ۽ انهن مسئلن جو حل اجتماعي طور تي تلاش ڪجي. انهيءَ حوالي سان 18 اپريل 2015ع تي هڪ ڪانفرنس "سرگرم ڪارڪنن جي گڏجاڻي" يونين ڪائونسل ڦل جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "غازي نوح ڪاڪيپوٽو" ۾ منعقد ڪئي وئي. سرگرام ڪارڪنن جي ڪانفرنس ۾ 80 تنظيمن جي صدر ۽ مئنيجرن شرڪت ڪئي. هڪ ڏينهن جي ڪانفرنس ۾ 10 تنظيمن جي سرگرم ڪارڪنن پنهنجي تنظيمن جي ڪارڪردگي بهتر انداز ۾ بيان ڪئي، جنهن کي پنڊال ۾ ويٺل مختلف تنظيمن جي ميمبرن ۽ حاضرين تمام گهڻو ساراهيو ۽ انهن بہ وچن ڪيو تہ اسين بہ پنهنجي تنظيم جي پليٽ فارم تان بغير ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي وڏ ۾ وڏ غريب عورتن لاءِ ڪم ڪنداسين ۽ پنهنجي ڳوٺن واهڻن ۽ وستين کي





شاد ۽ آباد ڪنداسين.



سرسو جي سوشل موبيلائيزيشن ٽيم اهڙين عورتن کي بہ اسٽيج تي آندو جيڪي گهٽ پڙهيل لکيل هيون، انهن جي بہ حوصلافزائي ڪئي وئي، انهن ادين پنهنجي تنظيمن ۽ ڳوٺن جي مسئلن ۽ انهن جي حل ڪرڻ بابت آگاهي ۽ مختلف تنظيمن جي صدر، مئنيجرن سان پاڳي پائيواري ۽ خيالات جي ڏي وٺ (Sharing) ڪئي. سچ پڇ تہ انهيءَ وقت خوشيءَ جي ڪا انتها نہ هئي، جو پنٽي پيل علائقن جون اُهي نياڻيون جن جو سڄو وقت پورهئي، ٻني ۽ مال متاع جي ڪمن ۾ گذرندو آهي. اهي عورتون پنهنجي ڀرپور اعتماد سان اسٽيج تي اچي پنهنجي تنظيم ۽ ڳوٺ جي مسئلن بابت ڀرپور نشاندهي ڪئي، گڏوگڏ سندن جي اعتماد ۾ اضافو پڻ ٿيو. سرسو ضلعي نوشهروفيروز جي ٽيم جا ٿورا مڃيندي هنن چيو تہ اسين جيڪو ڪجهہ هتي ڳالهائي رهيون آهيون، غربت جي خاتمي، ايڪي ٻڌي ۽ پائيچاري لاءِ قدم کڻي رهيون آهيون. اهي سڀ ڪاوشون ۽ محنتون سرسو ٽيم جون آهن. سچ پڇو تہ اها سرسو ئي آهي جيڪا سنڌ جي مختلف ضلعن جي ٻهراڙين وارن علائقن ۾ رهندڙ غريب عورتن جي ڀلائي ۽ فلاح و بهبود لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪم ڪري رهي آهي.



سرسو ساٿارين پاڻ پچاريندي چيو تہ هن اونداهين معاشري ۾ جتي انسان غربت جي ڏٻڻ ۽ بدامني جي ناسور ۾ وڪوڙيو رهي ٿو. اتي نوجوانن جو ڪردار هڪ چٽنگ جيان آهي جنهن جو ڪم لاٽ ٻاريندي گهر گهر ۾ روشني آڻڻ ۽ اونده کي پڃائڻ آهي.

اهي نوجوان ئي مستقبل جا معمار آهن جن کي سماج جي خدمت ڪندي سنسار کي سونهرو ڪرڻ آهي، اهڙو سونهرو، سونهارو سنسار جوڙڻ ۾ ڪيس سڀني جي سهڪار جي پڻ ضرورت آهي. پر اڳيرو نوجوان کي ٿيڻو آ.

پـاٿـهي ايـنـدم هــوت، پـر آنءَ بہ اڳـيـري ٿـيـان،
متان چويم خان بلوچ تہ هن ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو.

مثل همت مردان - مدد خدا پوءِ سفر ۾ شامل ٿيندي آهي اهڙي پيغام تحت پنڊال تاڙين سان گونجي اٿيو. نياڻين ۽ عورتن پڻ عزم ڪيو تہ اسين اڳيرو ٿيندي غربت خلاف ضرور جنگ جوٽيندي‌وسين ۽ معاشري کي منور ڪندي بک بدحالي کي ڏکو ڏيندي خوشحال زندگيءَ طرف وک وڌائيندا‌سين.

**

# گگدام جانورن واري پروگرام جون سرگرميون

سليم چنه



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن 2009ع کان سنڌ جي چئن ضلعن سکر، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻا ۾ گهوڙن، گڏهن ۽ خچرن جي لاءِ فلاحي پروگرام هلائي رهي آهي. اهڙي پروگرام لاءِ مالي سهائتا بروڪ اسپتال براءِ حيوانات جي آهي. سرسو هڪ گشتي دواخانو به چئني ضلعن ۾ هلائي رهي آهي، ان سفري دواخاني سان ماهر وٽرنري ڊاڪٽر، وٽرنري اسسٽنٽ پڻ آهي جيڪو دڳن، چونڪن، چوراهن، اناج منڊين، گڊز اڏن، سرن جي ڀٽن، گڏهن جي واڙهن ۾ مذڪوره جانورن جي ڦٽن ۽ بيمارين جي تدارڪ لاءِ مفت علاج ڪري رهيا آهن.

جانورن جي مالڪن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ پروگرام رکيا ويندا آهن. جنهن ۾ ڪين جانورن جو خيال رکڻ، ڪين باربار پاڻي پيئارڻ، انهن تي سنا سنج ۽ لغام رکڻ، لڪڻ جي مار نه ڏيڻ، سائو پاڙو کارائڻ ۽ چانوَ ۾ ٻيهارڻ بابت آگاهي ڏيندي تندرست صحت لاءِ جاڳرتا پڻ ڏني ويندي آهي.

پروڪ اسپتال براءِ حيوانات جنهن جو هيڊڪوارٽر لنڊن ۾ آهي سي هيٺئين مقصد لاءِ دنيا جي 18 ملڪن ۾ گهوڙن، گڏهن ۽ خچرن جي فلاح لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.



1. جانورن کي بُک ۽ اڄ کان آجپو ڏيارجي.
2. جانورن تي ظلم نه ڪرڻ گهرجي.
3. جانورن کي قدرتي روين جي آزادي ڏيڻ گهرجي (هينگڻ ۽ ليٽڙڻ)
4. جانورن کي ڊپ ۽ خوف کان آجپو ڏيارجي.
5. زخمن ۽ بيمارين کان نجات.

سنڌن مشن ۾ اها ڳالهه شامل آهي ته مذڪوره جانورن کي ڪوبه مسئلو درپيش نه هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهي غريب گهراڻن جي خوشحالي، سنڌن گهرن جو چلهو ٻارڻ لاءِ ٽانگن، گاڏن، باربرداري ۾ ڏينهن رات ڊڪن ٿا، انهن جي محنت جي ڪري سلهاڙيل غريب ماڻهو ٻن ويلن جي ماني کائيندي پيٽ جي باھ اجهائين ٿا. سنڌن ٻارن جي تعليم ۽ صحت انهن جي ڪمائي سان واڳيل آهي. ان عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ بروڪ اسپتال براءِ حيوانات سنا پارٽنر ڳولهيندي انهن سان بهتر لاڳاپا رکندي مذڪوره جانورن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هيٺيان ڪم گڏجي سڏجي ڪري رهيا آهن.



1. گهوڙن گڏهن جي مالڪن جا گروپ ٺاهڻ، ڪين آگاهي ۽ جانڪاري ڏيڻ.
2. سنجن ٺاهڻ وارن کي تربيت ڏيڻ.
3. نال بند کي جديد علوم کان واقف ڪندي سنا نال ٺاهڻ جي سکيا ڏيڻ.
4. سرڪاري وٽرنري ڊاڪٽرن کي جانورن جي بهتري لاءِ سکيا ڏيڻ.



5. رستن ۽ گذرگاهن تي جانورن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جا ٽَپ ٺهرائڻ
6. گذرگاهن تي جانورن لاءِ ڇانوَ جا ڇپرا ٺهرائڻ وغيره وغيره.

پاڪستان ۾ هي پروگرام 1991ع ۾ پشاور کان شروع ڪيو ويو هيو. ان وقت صرف هڪ گشتي دواخانو هيو. الحمدالله هن وقت سنڌ، بلوچستان، پنجاب ۽ سرحد جي ڪيترن ئي علائقن ۾ سنئي ساک رکندڙ ادارا هي پروگرام هلائي رهيا آهن. جنهن ڪري مذڪوره جانور سٺي صحت رکن ٿا. مزدور طبقو مستفيض ٿيندي پنهنجي جانورن کان سٺا ۽ بنيادي ڪم وٺن ٿا جنهن سان جانور جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو، مزدور جي آمدني ۾ واڌارو ۽ معاشري کي پاڪ صاف ماحول مهيا ٿي رهيو آهي.

## سرسو جي ضلعن ۾ ڪيل ڪم جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | ڪيل ڪم جو نالو | سکر | شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | هنگامي بنيادن تي جانورن کي ڏنل علاج | 4592 | 4752 | 4970 | 4795 | 19109 |
| 2 | فالواپ تربيتون | 5 | 8 | 6 | 4 | 18 |
| 3 | مرد ۽ عورتن ڪارڪن کي ڏنل ڪِٽون | 4 | 3 | 4 | 4 | 15 |
| 4 | موچين ۽ نالبند جون تربيتون | 8 | 8 | 4 | 1 | 21 |
| 5 | ٻيهر فالواپ تربيتون | 4 | 11 | 5 | 16 | 36 |
| 6 | نگهباني Monitoring | 4 | 4 | 5 | 16 | 29 |
| 7 | ڳانڍاپو ڪرايو ويو Linkages | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 8 | ٻالٽيون، موڙ ۽ ڪٽس جو وچور | 240 | 155 | 130 | 196 | 720 |
| 9 | ڇپرا ڇانوَ لاءِ | 1 | 4 | 4 | 7 | 16 |
| 10 | پاڻي لاءِ ٺهرايل ٽَپ | 3 | 3 | 4 | 3 | 13 |
| 11 | جاڳرتا گڏجاڻيون | 1 | 1 | 1 | 0 | 3 |
| 12 | صحتمند جانورن جا مقابلا | 1 | 2 | 1 | 2 | 6 |
| 13 | توسيعي مواد | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 14 | تربيت | 1 | 5 | 4 | 9 | 19 |
| 15 | روين جي جاچ | 1 | 2 | 2 | 3 | 8 |
| 16 | ڪيس اسٽڊيز | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 17 | عوامي جاڳرتا مهم | 155 | 155 | 155 | 155 | 620 |
| 18 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 19 | اسڪولي شاگردن کي جاڳرتا | 2 | 3 | 3 | 4 | 12 |
| 20 | ڪلينڪ جي آڊٽ | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 21 | CV & TM پيرڊ ورڪشاپ | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 22 | ماهانه، ٽه ماهي سالانه رويو گڏجاڻيون | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |

*

# ننڍي قرض جو وڏو فائدو

رياض علي جمالي
برانچ مئنيجر شهدادڪوٽ

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن شهري قرض جو پروگرام (URBAN CREDIT PROGRAMME) شهري آبادي وارن علائقن ۾ رهندڙ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي معيار زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ شروع ڪيو ويو آهي. ڇوته هر ماڻهو ۾ الله تعاليٰ ڪا نه ڪا صلاحيت ضرور رکي آهي، پوءِ چاهي اُهو امير هجي يا غريب. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته غريب جي ان صلاحيت کي اهڙي طرح اجاگر ڪيو وڃي ته جيئن هو پنهنجي مدد پاڻ واري اصول تحت پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي زندگيءَ کي بهتر بڻائي ته جيئن آمدنيءَ ۾ واڌيڪ اضافو ڪري خوشحال زندگي گذاري سگهي.

سرسو جو هي پروگرام ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ ۾ ضرورتمند ۽ مستحق ماڻهن جي سهوليت خاطر پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. شهري قرض جي هن پروگرام شروع ڪرڻ جو خاص مقصد شهر جي انهن غريب ماڻهن کي گهٽ سيڙپڪاري تحت قرض ڏئي ڪري پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي، جنهن جو هڪ مثال اوهان آڏو پيش ڪجي ٿو:

شهدادڪوٽ شهر جي سومرا محلہ جي رهواسي وزير علي سومرو هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿو، تمام ننڍي سطح تي هن محلي ۾ ڪرياني جو دوڪان ته کوليو پر، سندس ايتري آمدني ڪونه پئي ٿئي جو هن جي گهر جو خرچو بهتر طريقي سان هلي. ڇوته اڄڪلهه مهنگائي جتي هر ماڻهو کي تمام گهڻو پريشان ڪيو آهي. اُتي پڻ وزير علي جي گهرو حالات بهتر نه هئڻ ڪري ڏينهن رات پريشانين ۾ اضافو ٿي رهيو هُيس. هڪ ڏينهن سرسو ٽيم جو نمائندو سومرا محلہ ۾ پهتو ۽ شهري قرض جي پروگرام بابت ٻڌايو، انهيءَ پروگرام جي سُڌ وزير علي کي به پئي، پوءِ وزير علي پنهنجي سنگت ساٿ سان صلاح مشورو ڪري هڪ گروپ "زم زم" نالي سان ٺاهيو. گروپ ٺهڻ کانپوءِ وزير علي شهدادڪوٽ آفيس ۾ رياض حسين جمالي کي اطلاع ڪيو ته اسان مردن جو هڪ گروپ ٺاهيو آهي، اسان جي گروپ کي قرض جي ضرورت آهي. توهان اچو ۽ اچي ڪري پنهنجي ضروري ڪاروائي پوري ڪري اسان کي قرض جي رقم ڏيو ته جيئن اسين پنهنجي ڪاروبار کي وڌائي سگهون. تنهن بعد سرسو جي ڪريڊٽ آفيسر "زم زم" گروپ ۾ شامل وزير علي سومرو جي قرض جو فارم ڀريو. ۽ هن کي -/45,000 هزار روپيه جو چيڪ ڏنو. وزير علي انهيءَ قرض جي رقم کي بهتر طريقي سان استعمال ڪندي پنهنجي ڪرياني جي دوڪان لاءِ روزمره جي استعمال جون شيون هڪ ئي مهل خريد ڪري پنهنجي دوڪان ۾ رکيون. جنهن جو فائدو اهو ٿيو اڄ ته هن وقت وزير علي جو دوڪان بهترين نموني سان هلي رهيو آهي. سندس روانه جي آمدنيءَ ۾ چئن کان پنجن سَوِن تائين جو اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن مان وزير علي قرض جي رقم به آهسته آهسته ڏئي رهيو آهي ۽ سندس روزمره بچت پڻ ٿي رهي آهي.



وزير علي جو چوڻ آهي ته مان پنهنجي ٻچڙن کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو آهي ۽ اسڪول جي فيس به ڀريندو آهيان. مان پنهنجي نُون (9) گهر ڀاتين سان الله جو شڪر آهي تمام گهڻو خوش آهيان ۽ هن وقت اسانجي ايتري سُني ته نه پر بهتر زندگي گذري رهي آهي. منهنجو اهو سڀني مستحق ماڻهن کي پيغام آهي ته هر شيءِ ممڪن آهي، جيڪڏهن انسان ڪوشش ڪري ته وڏي کان وڏي چئليج / مشڪلات کي به منهن ڏئي سگهي ٿو. دعا آهي ته سرسو جي اهڙن پروگرامن مان ٻيا سائي غريب دوست قرض جو صحيح استعمال ڪري فائدو وٺندي پنهنجي خاندان جي بهتر زندگي لاءِ ڪجهه ڪري سگهن. ادارا موجود آهن همٿ ڪرڻ اوهان ۽ اسان جو ڪم آهي.

# اهنجن پٺيان سهنج

لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن
LSO خوشحال نيٽ ورڪ - لکي ضلع شڪارپور

مائي منظور سومرو ڳوٺ سائينداد ماڇي يونين ڪائونسل چڪ تعلقہ لکي جي هڪ تمام مسڪين عورت آهي. 2010ع تائين تہ هن جي گهر جي چُلهہ تمام ڏکيائيءَ سان ٻرندي هُئي ڇوتہ هُن کي سَتَ ٻارڙا آهن جن مان ٻن ٻارڙن کي ٿيلسميا جي بيماري آهي ۽ سندس مڙس قربان سومرو پينٽنگ جو ڪم ڪندو آهي جيڪو ڪم ڪڏهن لڳندو اٿس ڪڏهن نہ ان ڪري آمدني ٿوري ۽ خرچ گهڻي جي ڪري سدائين پريشانيءَ واري حالت ۾ رهندي پئي اچي. پر 2010ع ۾ جڏهن سرسو اداري حڪومت سنڌ جي تعاون سان گهر گهر سروي ڪانپوءِ قرض جي اسڪيم شروع ڪئي ان ۾ پهرين مرحلي (سائيڪل) ۾ مائي منظور کي ڏهہ هزار قرض مليو جنهن مان هن سِلائي مشين ورتي ڇوجو هُوءَ سِلائي جو ڪم ڄاڻندي ضرور هُئي پر غربت جي مجبوريءَ سبب سلائي مشين وٺي نہ پئي سگهي.



سرسو پاران ڏهہ هزار قرض مان هُن گهر جي آمدني وڌائڻ خاطر سلائي مشين ورتي ۽ پاڙي جي عورتن جا ڪپڙا سِلائي ڪري گهر جي آمدني ۾ ڪجهہ اضافو ڪندي غريب مڙس جو ڪجهہ ٻار هلڪو ڪيو ۽ سُٺي آمدني ٿيڻ جي ڪري هُن قرض بہ ان مان ئي لاٿو ۽ ٻئي قرض لاءِ اداري کي قرارداد لکي ڏنائي ۽ ٻيهر قرض مان هُن کي ٻارنهن هزار مليا جنهن مان مائي منظور پنهنجي وڏي ڌيءَ کي بہ سلائي مشين وٺي ڏني، جنهن مان هاڻي هنن جي گهر جي خرچ جو چرخو نُن ماڻهن جي مٿان اچي ويو، جنهن ڪري مائي منظور جي مڙس قربان جي ڪُلهن تان ڪافي ٻار هلڪو ٿيو ۽ هُو جيڪو ڏينهن رات گهر جي خرچ ۽ بيمارين وغيره جي ڪري گهڻو پريشان رهندو هو ۽ اڪثر ڪري ان پريشانين ڪري بيمار بہ رهندو هو. هاڻي گهر جي آمدنيءَ ۾ اضافي جي ڪري ۽ سرسو جي ڪم جي ڪري گهڻو مطمئن نظر اچڻ لڳو ڇوتہ هُو پهريون تہ سمجهندو هوتہ سرسو جون جيتريون وڏيون ڳالهيون آهن، ايترو ڪم نہ هوندو پر پنهنجي گهر جي آمدنيءَ مان ٿيندڙ ترقي هُن کي تمام گهڻو خوش ڪري ڇڏيو.



قربان سومرو چوندو هوتہ صرف ڏهن هزارن مان ڇا ٿيندو ۽ ڪهڙي ترقي ٿيندي، پر هاڻي هُو مطمئين آهي تہ پئسا پلي ٿورا هُجن پر انهن کي صحيح جڳهہ تي استعمال ڪجي تہ فائدو ضرور پئجي سگهي ٿو.

ائين ئي مائي منظور ٽيون ڀيرو قرض لاءِ قرارداد اداري کي ڏني جيڪا منظور ٿيڻ ڪانپوءِ هن کي ويهہ هزار قرض مليو تہ انهن ويهن هزارن مان پرت پرڻ واري مشين ورتي آهي. جنهن مان هُن کي سٺو فائدو حاصل ٿي رهيو آهي ڇوتہ هُن جي ڳوٺ



جون عورتن پرت پرائڻ لاءِ ٻين ڳوٺن يا شهر ڏانهن وينديون هيون ۽ اچڻ وڃڻ جو خرچ ۽ وقت بہ گھڻو ضايع ٿيندو هيو. هاڻ جڏهن کان مائي منظور پرت پرڻ جي مشين ورتي آهي تڏهن کان ڳوٺ جي عورتن کي بہ گھڻو فائدو حاصل ٿي رهيو آهي، جو هنن جو وقت بہ بچي ٿو ۽ جيڪو وڏيڪ پئسو خرچ ٿي ويندو هُئن اهو بہ بچت ۾ اچي وڃي ٿو.

مائي منظور پنهنجي 2010ع واري وقت ۽ هاڻي واري وقت کي ڀيٽائيندي ڏاڍو خوش ٿيندي چوي ٿي تہ پهريون ڀيرو جڏهن ڏهہ هزار قرض ورتو هو تہ مونکي اِهو ذهن ۾ بہ نہ هوتہ کو سرسو جي ڏنل ايترن ٿورن پئسن مان اسان جي گهر جي آمدني ۾ ايترو اضافو ٿيندو جو مان پنهنجي مڙس جي پريشانين کي بہ ختم ڪري ڇڏينديس ۽ بچت بہ ڪنديس، جيڪي پئسا مان ڏکئي وقت سر ڪم آڻي سگھنديس. پر هاڻي اِهي سڀ آمدني وڌائڻ واريون شيون پنهنجي اکين سان ڏسي ۽ آمدني ۾ اضافو ٿيندي ڏسي مان ڏاڍو خوش آهيان ۽ سرسو اداري جي ٿورائتي آهيان، جنهن اِهو سلسلو شروع ڪيو ۽ گهر گهر وڃي ماڻهن جي اهنجن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اجان بہ اميد آهي تہ ادارو اهڙن ماڻهن وٽ بہ ضرور ويندو جيڪي ڏاڍو مجبور آهن ۽ هنن کي ڪو پاڙي وارو ٿوري دير لاءِ بہ قرض ڏيڻ لاءِ تيار ناهي هوندو ۽ اميد آهي تہ سرسو ادارو غريبن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ وارو سلسلو ضرور جاري رکندو ۽ الله پاڪ کان دعا آهي تہ ادارو پنهنجي محنتن مان ضرور سوڀ ماڻيندو. ۽ ماروئڙا بہ هٿ هٿ سان وندائيندي، سڏ ۾ سڏ ڏيندي پنهنجين زندگين ۾ خوشحاليءَ واري خواب کي ساڀيان ثابت ڪرڻ ۾ وسان ڪين گھٽائيندا.

*

## * سچا ٻول*

(نثار پناڻ جي ڪتاب "خيال اڏارون" تان ورتل.)

- گهڻ همت ۽ بي حوصلا ماڻهو مصيبتن جي تابع ٿي ويندا آهن. مگر حوصلامند ان کي زير ڪري وجن ٿا.
- پيدائش وقت انسان جو ڪو نالو نہ هوندو آ. نالو پيدا ڪرڻ انسان جو ڪم آهي.
- جيڪو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي نٿو رکي، اهو ڪنهن بہ مصروفيت ۾ ڪامياب ناهي.
- سڀ کان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ انسان ۾ پنهنجي غلطين تسليم ڪرڻ جي جرات هجي ۽ ان غلطين جي روشني ۾ گهڻ عرصي ۾ حتي الامڪان پاڻ سنوارڻ جي ڪوشش ڪري، زندگي کي سمجهڻ لاءِ ماضي تي نظر وجهڻ گهرجي ۽ زندگي رهڻ لاءِ مستقبل تي.
- جڏهن تون نيڪ ڪم ڪرڻ چاهين تہ رڳو سوچ ۽ ڳالهيون نہ ٺاهہ عمل ڪر، ضرور غيب کان توکي مدد ملندي.
- اخلاص جي معنيٰ اها آهي تہ نيڪي جي عيوض ڪجهہ بہ نہ گهريو وڃي.
- جيڪو شخص سيني جي پلائي ۾ مصروف آ. ان کي نہ هن جهان ۾ فنا آ نہ آخرت ۾ ان جي بري انجام جو ڪو امڪان ئي نہ آهي.
- نيڪي جيڪا بہ ڪري سگهو ٿا ڪريو، جن بہ ذريعن کان ڪري سگهو ٿا ڪريو، جنهن سان بہ ڪري سگهو ٿا ڪريو، جتي بہ ڪري سگهو ٿا ڪريو، جڏهن بہ ڪري سگهو ٿا ڪريو، جنهن سان بہ ڪري سگهو ٿا ڪريو ۽ جيستائين بہ ڪري سگهو ٿا ڪريو.

# مائرن جو عالمي ڏينهن ۽ سرسو - رنگ

جميل سومرو

ڪائنات جا ڪروڙين رنگ آهن پر انهن ڪروڙين رنگن جوهڪ ئي روپ آهي جنهن کي ”ماءُ“ چيو وڃي ٿو. ماءُ لفظ ته ٽن لفظن کي ملائي ٺهي ٿو پر اهو هڪ اهم نانءُ آهي جيڪو ڪروڙين لفظن کي مِلائي ٿو، ڪروڙين محبتون گڏ ڪري ٿو. اربين احساس ڏيئي ٿو ته جتي ماءُ آهي اُتي ٻيو ڪوبه ڇپر ڇانوَ ڪرڻ جي حيثيت نه ٿو رکي. چون ٿاته مائرن جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جي شروعات اڄ کان ڪيترين ئي صديون اڳ ٿي هئي. پر 1914ع ۾ آمريڪي صدر وڊرو وِلسن (Woodrow Wilson) پهريون ڀيرو قومي سطح تي مائرن جو ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان ڪيو. هي ڏهاڙو انهن مائرن جي اعزاز ۾ ملهايو ويندو هيو جن جا ٻچڙا جنگين ۾ ماريا ويا. تاريخ گواهه آهي ته دنيا ۾ ٿيندڙ ٻه عالمي جنگيون به مائرن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۾ گهٽتائي آڻي نه سگهيون.

مائرن جي اهڙي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي مختلف ضلعن جي مختلف يونين ڪائونسلز ۾ هي عظيم ڏهاڙو ملهائي امڙين جي اندر ۾ پيل دردن جي پيهه کي گهٽائڻ لاءِ ۽ ماءُ جي عظمت کي نوجوان نسلن جي رڳ رڳ ۾ لاهڻ لاءِ اهڙي ڏينهن کي ملهائيندو پيو اچي جو خوشيون ڏيندڙ ماءُ به خوشيون پيون مائين.



سرسو سکر پاران USAID جي گڏيل سهڪار سان مائرن جو عالمي ڏينهن سکر ضلعي جي ٽن يونين ڪائونسلز ڪنڊرا، لونگ ڀٽي ۽ بيدل بيڪس جي LHWs جي 12 وومين سپورٽ گروپس (WSGs) ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ نه صرف هن هستيءَ جي عزت تعظيم ۽ وقار کي بلند ڪيو ويو بلڪ هيلٿ ڪميونيڪيشن ڪمپونينٽ تحت ماءُ جي صحت متعلق پڻ تفصيلي آگاهي ڏني وئي. سرسو / آر.ايس.پي.اين جي ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ مئنيجر هيلٿ ڪميونيڪشن فردوس جُماڻي اِنهيءَ تقريب دوران ڳالهائيندي چيو ته ماءُ جي پيار ۾ زماني جي ڪابه ڪوٽ ناهي هوندي. هن جو پيار فرشتن جي آمد جهڙو هوندو آهي. ابراهيم لنڪن جي هڪ چوڻي ٻڌائيندي هن چيو ته ”ماءُ“ فرشتن جهڙي پاڪ ۽ پويتر آهي“ ماءُ جي پيار کي گهرائي جي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي. ماءُ جي عظمت هر ڪنهن رشتي کان مقدس آهي. ان موقعي تي آر.ايس.پي.اين جي دليپ، سرسو جي حامد مگسي، عاشق ڪلوڙ، اي.ڊي.سي هيلٿ بادشاهزادي چوهاڻ ۽ مرسي ڪارپس شهناز شاهه ماءُ جي عظمت ۽ صحت تي روشني وجهي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي. ماري اسٽوپس سوسائٽي سکر ۽ پاپوليشن ويلفيئر کاتي سکر پاران فيملي پلاننگ جا اسٽال پڻ لڳايا ويا.

هڪ ڏاهي وليم داس ولاس لکيو آهي ته اُهو هٿ جيڪو پينگهو لوڏي ٿو سوئي هٿ دنيا تي حڪومت ڪري ٿو. آمريڪي پرفيسر پنهنجي ڪتاب ”How to love & LaHood“ ۾ پيار جو فلسفو سمجهائيندي تسليم ڪري ٿوته



”ماءُ ڪانسواءِ توهان سان ڪير به غيرمشروط محبت ڪري نه ٿو سگهي.“

مائرن سان پيار جو اظهار ڪرڻ لاءِ هن ڏينهن تي لکين گل آڇيا ويندا آهن. جنهن ذريعي پنهنجي بي پناهه محبت جو اظهار ڪيو ويندو آهي. اهڙا ئي ڳاڙها اڇا گل مائرن کي سرسو ڪامپليڪس جي هال ۾ جينڊر ۽ ڊولپمينٽ سيڪٽر پاران ڪوٺايل مائرن جي عالمي

ڏينهن جي حوالي سان ڏنا ويا. هن پُروقار تقريب کي خطاب ڪندي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏنل ڪلهوڙو ماءُ جي عظمت کي بيان ڪندي چيو ته مون پڙهيو آهي ته هڪ پٽ پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ کي "اولڊ هائوس" ۾ ڇڏي آيو. ڪافي عرصو گذرڻ ڪانپوءِ اولڊ هائوس مان هن جي پٽ تي فون آئي ته تنهنجي امڙ سخت بيمار ٿي پئي آهي، آخري پساهن ۾ آهي هن توسان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي سو اچي پنهنجي امڙ سان ملي وڃُ. هُو جڏهن اولڊ هائوس پنهنجي امڙ وٽ پهتو ته هوءَ آخري پساهن ۾ هُئي. هن پنهنجي کي پيار ڪندي چيو ته پُٽ منهنجي هڪ ڳالهه مڃيندي تنهن تي پٽ چيو ته ها امڙ چئُ هن اولڊ هائوس جي ڪمري ۾ ڏاڍي گرمي آهي هتڙي هڪ پکو لڳراءِ مون ته پنهنجي رهيل عمر هن گرميءَ ۾ گذاري ڇڏي آهي مونکي خوف ٿو ٿئي ته جڏهن تون هتڙي ايندين ته متان توکي گرمي نه لڳي. ماءُ جي عظمت جي تعريف جيتري ڪجي اوتري گهٽ آهي ماءُ جي خدمت ڪرڻ ۾ ئي جنت آهي. جڏهن ماءُ پنهنجي اولاد تي شفقت جا هٿ ڦيريندي آهي ته زندگي آسان بڻجي پوندي آهي.



ميڊم رخسانه رياض علي، مئنيجر جينڊر اينڊ ڊولپمينٽ هن موقعي جي مناسبت سان ڳالهائيندي چيو ته اچوته اڄ واعدو ڪريون ته اڄ ڪان اسين پنهنجين مائرن سان سهڻو سلوڪ ڪندي ذميواري سان زندگيءَ جا وڌ ۾ وڌ لمحا گذاريون جنهن سان سندن درد سڀ ختم ٿي ويندا. امڙ جو پيار ڪائنات جو پيار آهي. امڙ جي سلامتي سنسار جي سلامتي آهي. هن ڏهاڙي جي مناسبت سان هن پنهنجو پيغام ڏيندي چيو ته امڙين جي عظمت کي پامال نه ڪيو، ڪنهن پل ۾ به امڙ جي عظمت کي نه وساريو. انجي هرحال ۾ عزت، عظمت اولاد تي واجب ۽ فرض آهي.

مئنيجر نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ نثار احمد پناڻ پنهنجي خطاب دوران چيو ته ماءُ عظيم آهي. انسان جي ماءُ به هڪ آهي ته الله به هڪ آهي. جڏهن ته پيغمبر کي به پيءُ ڪونه هيو (حضرت عيسيٰ ع) ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي. ماءُ به خالق آهي ته الله به خالق آهي. قيامت ۾ هر انسان کي ماءُ جي نالي پويان سڏ ڪيو ويندو. ماءُ نه صرف وجود بخشي ٿي پر سخت محنت ۽ قرباني ڏيندي عظيم انسان به ناهي ٿي. ماءُ جي وچوڙي جو گهاءُ انسان ڪان قبر تائين نٿو وسري، ماءُ جي ڇهري ڏي نهارڻ پڻ عبادت ۾ شامل آهي. ماءُ جي دعا بدولت انسان عظيم تر بڻيا، جنهن کي پنهنجي ماءُ معصوم نظر نه ٿي اچي ان کي آپگهات ڪرڻ گهرجي. ماءُ ته بدڪردارن کي به جهولي ۾ وجهي ٿي، جڏهن ته زالون پيغمبرن کي به ڇڏي هليون ويون. ان ڪري ماءُ جو ڪوبه نعم البدل ناهي. اهو انسان خوشنصيب آهي جنهن امڙ جي خدمت ڪندي پنهنجو حال ۽ آخرت سنواري. قدرت جي گهرج آهي ته عورت ماءُ بڻجي ته جيئن سندس عظمت ۾ خدائي ڏات پري وڃي. پروگرام ۾ ويٺل حاضرين مائرن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته اڄ جو ڏينهن ان عهد جي تقاضا ڪري ٿو ته پنهنجي ماءُ سان گڏ هر عورت جي عزت ۽ شان کي بلند ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون، پنهنجي پهرين درسگاهه پهرين پينگهي، پهرين جهولي، پهرين پيار، پهرين لولي ۽ پهرين تربيت گاهه جي لڄ رکندي سندس قدم چميون ۽ ڪيس هر وقت سلام پيش ڪريون.







ائٽم ۽ ڇپيل مواد پڻ رکيو ويو، جڏهن ته اسٽال تي ويٺل ماهرن وقتن بوقتن ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي صحت متعلق ڄاڻ پڻ ڏيندا رهيا ۽ ڇپيل مواد پڻ ورهائيندا رهيا. صحت ميلا ۾ مختلف اسٽال هُيا جن ميلي ۾ شرڪت ڪندڙ ماڻهن کي تمام گهڻو متوجهه ڪيو خصوصاً ٻهراڙيءَ جون اهي عورتون جن جي شهري علائقي ڏانهن رسائي نه هجڻ برابر آهي، تن انهيءَ اسٽال مان ڀرپور معلومات حاصل ڪئي.

JHPIGO هڪ انٽرنيشنل (بين الاقوامي) NGO آهي جيڪا ماءُ ۽ ٻار جي صحت تي انهيءَ ساڳئي علائقي ۾ ڪم ڪري رهي آهي. انهيءَ طرفان صحت ميلا ۾ هڪ وڏي پئماني تي اسٽال لڳرايو ويو، جنهن ۾ صحت جي حوالي سان مختلف سرگرميون ڪيون ويون ۽ گڏوگڏ ڇپيل مواد حاضرين جي توجهه جو مرڪز پڻ رهيو. انهيءَ اسٽال تي ويٺل ليڊي ڊاڪٽر شرڪت ڪندڙ عورتن کي جٽن (ميڙ) جي صورت ۾ آگاهي ڏينديون رهيون. ۽ ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ عورتن کي ٻار ۽ ماءُ جي صحت سان منسلڪ حمل کان وٺي ٻار ڄائڻ تائين جي عرصي بابت معلومات سان سرشار ڪنديون رهيون. انهيءَ کان علاوه JHPIGO جي ٽيم ننڍڙن ٻارن کي هٿ ڌوئڻ بابت آگاهي ڏيندا رهيا ۽ ٻارن کي هٿ ڌوئڻ بابت ڊيمو پڻ ڏنو. انهيءَ کان بعد ۾ ننڍڙن ٻارن ۾ تحفا پڻ ورهايا.



جڏهن ته صحت کاتي سکر گوءِ ڪٽڻ جي ڪوشش ۾ رهيو، سکر صحت کاتو سائي کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪرڻ جو بهترين بندوبست ڪيو، جنهن ۾ سائيءَ کان بچاءَ جي لاءِ اڳواٽ ويڪسين ڪئي جيڪا 300 کان مٿي مردن، عورتن ۽ ٻارن کي مفت ويڪسين ڪئي وئي. هي اسٽال صحت ميلي ۾ ريڙهه جي هڏي جو ڪردار ٻڌيو رهيو هر ڀيو ماڻهو اسٽال گهمي ڪري بئي کي پڻ ڄاڻ ڏئي رهيو هُيو. ڳوٺاڻن جي طرف کان صحت کاتي کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ جٽن جي صورت ۾ وڃي سندن همت افزائي ڪئي.

سرسو (SRSO) جو اسٽال صحت ميلا ۾ سنڌ جي هُنرن خاص طور تي هٿ جو هنر جيڪو ٻهراڙين ۾ خاص طور تي عورتون روزانو جي مصروف زندگيءَ مان ڪجهه وقت ڪڍي پنهنجي گهر لاءِ ۽ روز جي آمدني کي سگهارو بڻائڻ لاءِ ڪنديون آهن پڻ مرڪز رهيو. خاص طور تي پير بخش سولنگي (نيڙهيءَ) واري رلي شرڪت ڪندڙن جي توجهه جو مرڪز رهي. جنهن ۾ سرسو جو اهم ڪردار رهيو آهي. سلائي ۽ ڪڙهائي واريون سڀ شيون اسٽال کي رنگارنگي بڻائي ڇڏيو. اسٽال تي ويٺل عورتن انهيءَ هنر بابت آگاهي ڏيندي رهي ۽ وزيٽرن کي سنڌ جي ثقافتي شين بابت اُتساهيو ۽ موٽ ۾ شرڪت ڪندڙن ڪيس تمام گهڻو داد ڏنو. جڏهن ته انهيءَ صحت ميلا کي سرسو ٽيم (صحتمند ڪاڏو) جي عنوان سان دنيا جي سڀني ملڪن جيان ڳوٺ لونگ پٽيءَ ۾ ملهائي دنيا جي عالمي قطار ۾ نالو لکرايو. ميلي ۾ MCH جي ڀرپور شرڪت رهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ هيلٿ ميلا ۾ سرگرمين ۾ ڀ حصو ورتو.

### صحت ميلا (Health Mela) جا مقصد:

1. صحت کاتو ۽ پارٽنر ملي ڪري ڳوٺاڻن کي پروجيڪٽ تحت آگاهي ڏيڻ.
2. USAID, MCH پروگرام جيڪو ڳوٺاڻي سطح تي عام ماڻهن کي MCH تائين رسائي جا موقعا ڏيڻ.
3. ڳوٺاڻن کي موقعو ڏنو وڃي ته جيئن اهي پنهنجي آواز سان صحت سان سلهاڙيل مسئلن کي حل ڪن ۽ صحت جون سهولتون پنهنجي علائقي تائين کي يقيني بڻائي سگهن.

هيلٿ ميلا ۾ آيل سڀني مهمانن مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ خوب داد ڏنو، ۽ اسٽال لڳائيندڙ جي همت افزائي لاءِ ڪين سٺن لفظن ۾ ساراهيو. خاص طور تي صحت کاتي جي خدمتن جي واکاڻ پڻ ڪئي.




جڏهن ته انهيءَ ميلي کي آخر ۾ هڪ سيمينار جي شڪل ڏني وئي ۽ انهيءَ سيمينار ۾ مهمان خاص ڊاڪٽر فيروزالدين ڏاريجو (ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر نيشنل پروگرام سکر) هئا. جڏهن ته پروگرام جي صدارت سرسو جي ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو ڪئي. پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جيڪا مسٽر سجاد (يونين ڪائونسل لال جڙيو) جي رهواسي ڪئي. هن سڄي سيمينار کي سهڻي نموني آرگنائيز طريقي سان هلائڻ جون ذميواريون امان الله ٻگهيو (ڊسٽرڪٽ آفيسر مرسي ڪور) شروعات کان آخر تائين ڪمپيئرنگ ذريعي ويٺل حاضرين کي لطيف سرڪار جي شعرن سان وندرائيندا رهيا ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ پروگرام جا مقصد پڻ ٻڌائيندا رهيا.

مهمانن کي پليڪار چوڻ لاءِ ڊاڪٽر فيروزالدين ڏاريجو کي دعوت ڏني وئي. جنهن آيل سڀني مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي سرسو ٽيم کي تمام بهترين پروگرام ڪرڻ تي جسُ ڏني ۽ اهو واضع ڪيو ته ٻهراڙيءَ جي عورت اڄ به صحت جي مسئلن ۾ گهيريل آهي. اسان سڀني تي واجب ٿئي ٿو ته ملي ڪري انهن ڏورانهين علائقن تائين صحت جي سهولتن کي يقيني بڻايون ته جيئن ٻار ۽ ماءُ جي موت جي شرح گهٽ ٿي سگهي. ڊاڪٽر صحتمند خوراڪ استعمال ڪرڻ تي زور ڀريو ته صاف کاڌو سٺي صحت ڏيندو. ڊاڪٽر محمود قريشي (ڪلسٽر ڪوآرڊينيٽر سکر) چيو ته سٺو کاڌو اسان سڀني جو حق آهي، شهري توڙي ٻهراڙي ۾ رهندڙ مائٽن کي گهرجي ته کاڌي جو وڌ ۾ وڌ خيال رکن. مونکي خوشي انهيءَ ڳالهه جي آهي ته اڄ اسان دنيا جي ترقي يافته ملڪن جيان ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون ۽ اڄ اسان سڀئي ملي ڪري اهو وچن ڪيون ته اڄ کانپوءِ اسان پنهنجي کاڌي کي صحتمند بڻائينداسين.




ڊاڪٽر منصور ميمڻ (MCHIP/JHPIEGO) هن سيمينار ۾ (Intra active Activity) ڪرائي جنهن ۾ سوالن جوابن وارو سلسلو اختيار ڪيو ويو. جنهن ۾ حاضرين کان سوال پڇيو پئي ويو صحيح جواب ملڻ جي صورت ۾ گفٽ ڏني پئي وئي. انهيءَ سرگرميءَ هن سيمينار کي وڌيڪ چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ دستاويزي فلم Birth Spacing (Documentary film) پيدائش ۾ وقفو ۽ صحت جون سهوليتون ڏيکاري وئي. اهو سمورو سلسلو سادي نموني سان ڊاڪٽر منصور واضع طور تي سمجهايو ۽ حاضرين جي طرفان سوالن ۽ جوابن جو سلسلو پڻ جاري رهيو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ٽيم ڳوٺاڻين عورتن کان اسٽيج تي هڪ خاڪو ڪرايو جنهن جو عنوان هُيو (پيدائش ۾ وقفو) انهيءَ خاڪي جي ذريعي حاضرين کي آگاهي ڏني وئي ته پيدائش ۾ وقفي جا فائدا ڪيترا آهن. انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ماءُ ۽ ٻار جي زندگي بچائي سگهجي ٿي.

سرفراز سومرو (ماري اسٽوپس سوسائٽي سکر) واضع ڪيو تہ عورتن لاءِ ڄم ۾ وقفو (Birth Space) تمام ضروري آهي. جنهن ۾ عورت جي صحت صحيح رهندي ۽ وقفي ڪانپوءِ جي حمل ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار پڻ صحتمند رهندو. سرفراز حديث جو حوالو ڏيندي چيو تہ ٻن سالن تائين ٻار جو حق آهي تہ ڪيس ماءُ ٿڃ پيئاري. ڊاڪٽر علي گل شاهہ ORS تي ڳالهائيندي انهيءَ جي اهميت ٻڌائي ۽ آخر ۾ ڊاڪٽر ORS ٺاهڻ جو طريقو ٻڌايو ۽ حاضرين مان ڪجهہ عورتن کي اسٽيج تي گهرائي عملي مظاهرو (Demo) ڪرائي ڏيکاريو.





امان الله ٻگهيو (ڊسٽرڪٽ آفيسر MC) ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جڏهن اسان هن صحت ميلا ۾ شرڪت ڪئي آهي جنهنجو مقصد اهو آهي تہ جيڪي اڄ اسان هتي مقررن کان ٻڌون ۽ سِکون انهيءَ کي اسان پنهنجي روزمره واري زندگيءَ ۾ ڪريون ۽ هتان جڏهن پنهنجن ڳوٺن واهڻ وستين ڏانهن وڃون تہ ٻين دوستن ۽ پاڙيسرين کي بہ هي پيغام ڏيون تہ جيئن انهن جي زندگي بہ آسان ٿي وڃي. عنوان تي ڳالهائيندي امان الله چيو تہ سڀ کان وڏيڪ بيماريون هٿ نہ ڌوئڻ سان ٿينديون آهن. اسان جيڪڏهن ٿورو وقت ڪڍي هٿ ڌوئڻ کي پنهنجو معمول بڻايون تہ سمجهو بيماريوڻ ختم ۽ زندگي صحتمند ۽ آسان ٿي پوندي. آخر ۾ ننڍڙن ٻارن کان هٿ ڌوئڻ جو عملي پڻ عملي مظاهرو پڻ ڪرايو ويو.

محترمہ فردوس جماڻي ننڍڙن ٻارن کان پلي ڪارڊن جي سرگرمي ڪرائي جڏهن ۾ واضع MCH جو پيغام ڏنو ويو. ۽ اهو پيغام پڙهي پڻ ٻڌايو ويو جنهن کي پنڊال ۾ ويٺل مائهن تمام گهڻو پسند ڪيو. فردوس جماڻي ۽ شهناز شاهہ "صحتمند ٻار" (Healthy baby show) لاءِ ننڍڙن ٻارن سميت مائرن کي پڻ اسٽيج تي گهرايو ۽ انهن کان پڇيو ويو تہ توهان جي ننڍڙن ٻارن جي صحت جو راز ڪهڙو آهي؟. مائرن ٻڌايو تہ حمل دوران مسلسل چيڪ اپ ۽ انهيءَ کان پهريان وقفي تي عمل ڪرڻ ٻار جي پيدائش ڪانپوءِ ٻار جي پنهنجي ڪاڌ خوراڪ جو خيال رکڻ شامل آهي. نمبر کٽيندڙ مائرن کي تحفا پڻ ڏنا ويا.



پروگرام جي آخر ۾ MCH جي پيغامي بينر تي سرسو جي ايڪٽنگ چيف آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، نياز هنگورو، زاهد حسين خاصخيلي، سرفراز سومرو، غلام مرتضيٰ گهانگهرو، ڊاڪٽر اياز سومرو، ڊاڪٽر فيروز الدين ڏاريجو، ڊاڪٽر منصور ميمڻ، ڊاڪٽر سليم سومرو، امجد علي، مس فردوس جماڻي، عاشق حسين ڪلوڙ، پرديپ، طارق عباسي، مس شبانہ، مس شهناز شاهہ ۽ ٻين صحيحون ڪيون ۽ چيو تہ اسان انهيءَ تي عمل ڪنداسين. بعد ۾ سرسو جي ايڪٽنگ چيف آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي پري پري کان کهي آيل سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي نمائندن ۽ ڀهراڙين مان آيل سڀني حاضرين ۽ پروگرام کي سهڻي نموني سان آرگنائيز ڪرڻ تي ٿورا مڃيا. انهيءَ سان صحت ميلي جي پڄاڻي ٿي.

*

# حصولات واري شعبي جي ڪارڪردگي

امیت راجا

غريب ڳوٺاڻن جي زندگين ۾ ڀلائي، خوشحالي آڻڻ، ڪين غربت ۽ ناسور سٽيل زندگيءَ ڪان آجپو ڏيارڻ لاءِ سرسو اداري جو وجود وڏيو ويو آهي. هي ادارو غريبن ڪي منظم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ۾ رڌل آهي. مختلف شعبہ هائي زندگي سان سلهاڙيل غريب ڳوٺاڻا سرسو جي تنظيمي مالها ۾ مڙهجندي هڪ هند گڏ ٿي ڀڏي ۽ ايڪي جي پرچار ڪندي منظم ٿين ٿا.

ماروئڙا گهڻن ئي سورن جي ور چڙهيل آهن. سور پچار ڪرڻ لاءِ هو پاڙي سطح تي درپيش مسئلا سارڻ لاءِ انهن جي حل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سور پچار گڏجاڻيون ڪندي، مسئلن جي اهميت جي لحاظ ڪان لسٽ ٺاهيندا آهن. اهڙي گڏجاڻين ۾ سرسو سندن ساٿي رهندو آهي. دنيا جا فلاحي ادارا، انسانيت جي ڀلائي خاطر سرسو جو ڪم ڏسندي جنهن جو بنياد گهراڻي سان شروع ٿيندي پاڙي سطح تي هوندو آهي، اهڙي گراس روٽ (Gross root) ڪم جي مدد ڪرڻ لاءِ ڀلي اهو صحت جي شعبي، تعليم جي ميدان يا زراعت، مال مويشي جي واڌاري توڙي عورتن جي تحفظ يا ٻارڙن جي حقن جي حفاظت ڇونہ هجي اهي ادارا سرسو جا اڇي پرجلو ٿيندا آهن ۽ مالي سهڪار ڪندي مذڪوره ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪم ڪندا آهن.

حصولات جو شعبو ان وقت حرڪت ۾ ايندو آهي جڏهن اهڙن پروگرام ڪرڻ واري سرسو جي عملي ڪي، ڪتاب، فرنيچر، دوائون، گاڏيون، ڪمپيوٽر، فون، اسٽيشنري وغيره گهرجن ٿيون. هن شعبي ڪي ڏسڻ لاءِ ٻہ ڪميٽيون ٺاهيل آهن.

1. **ٽيڪنيڪل ڪميٽي:** هن ڪميٽي جو ڪم شعبي جي حصولات لاءِ ٽيڪنيڪل جائزو وٺي سفارش ڪرڻ آهي تہ جيڪا شيءِ خريد ڪئي وڃي اها، مناسب ڪوالٽيءَ واري ۽ پائدار آهي. شيءِ ٺاهيندڙ ڪمپني جي ساک، ساخت ۽ مدي ڪي نظر ۾ رکندي سفارش مرتب ڪئي ويندي آهي.
2. **حصولات ڪميٽي:** هن ڪميٽي ۾ هڪ چيئرمين، وائيس چيئرمين ۽ 4 ميمبر ٿين ٿا. جيڪي پروگرام آفيسر جي ڏنل گذارش، گهرايل ڪوٽيشن، واپاري ۽ ڪمپني جي ساک، شيءِ جي مناسب قيمت، پائيداري ۽ ٻين ڪاغذن جي حصولات پاليسي جي معيار موجب ڇنڊڇاڻ ڪندي آهي، ان پاليسي موجب شيون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمپنين ۽ واپارين ڪي آرڊر ڏنا ويندا آهن تہ جيئن پراجيڪٽ هلائيندڙ عملي ڪي سٺيون، پائيدار ۽ وقتائتي شيون مهيا ڪري ڏنيون وڃن تہ جيئن پراجيڪٽ جو عملو وقت سر غريبن سان سلهاڙيل منصوبي ڪي پايہءِتڪميل تي پهچائي سگهن. هن شعبي جي قيام ڪانپوءِ پروگرام واري عملي ڪي شفاف وقتائتي ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مدد ملي آهي. گڏوگڏ هن شعبي جو قيام عالمي ادارن جي عين تقاضائن موجب آهي. هي شعبو سرسو اداري ۾ ڪرنگهي واري هڏي جهڙي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪارڪردگي جي ڪري پراجيڪٽ ۽ ضلعي عملي ڪي سهوليت ميسر ٿي رهي آهي.



# مالوندماروئڙن جي مال مويشي لاءِ ضلعي گھوٽڪي ۾ انشورنس وارو پروجيڪٽ

امام علي ڏيٿو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر گھوٽڪي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اندر ڪم ڪندڙ سڀني ضلعن مان ضلعو گھوٽڪي ان ڪري منفرد آهي جو هن ضلعي ۾ مال مويشي جي بهتر پالنا لاءِ زياده ڪم ٿي رهيو آهي. غربت جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ پاڪستان جي سڀ کان وڏي مالي اداري " پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ " (پي پي اي ايف) جي سهڪار سان گڏريل ٽن سالن کان غريب خاندانن جي مالي ۽ سماجي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ هيٺ هڪ پروجيڪٽ هلندڙ آهي، جنهن ۾ 2 هزار خاندانن کي جانور خريد ڪري ڏنا ويا ته جيئن هو انهن جي بهتر پالنا ڪندي پنهجي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن.

پي پي اي ايف (PPAF) جي اهڙي سهڪار جو فائدو وٺندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران غريب خاندانن لاءِ بهتر نسل جا جانور پنجاب مان گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ هن وقت 12 سئو کان وڌيڪ پلي نسل جو ڍڳيون گھوٽڪي جي غريب خاندانن کي ڏنيون ويون آهن. ان پروجيڪٽ جي هڪ اهم خوبي اها به هئي ته اهڙن سڀني جانورن جي انشورنس پڻ ڪرائي وئي هئي ته جيئن جانورن جي مري وڃڻ جي صورت ۾ ڪين ساڳئي نسل جو ٻيو جانور ملي سگهي. اهڙي پروجيڪٽ جي ڪاميابي ڪانپوءِ پي پي اي ايف جي سهڪار سان اپريل 2015 کان ضلعي گھوٽڪي ۾ مالوند ماڻهن جي جانورن جي انشورنس متعلق هڪ الڳ پروجيڪٽ ڊيري ويليو چين جي نالي سان شروع ڪيو ويو آهي، جنهن تحت گھوٽڪي ۾ 10 هزار جانورن جي انشورنس ڪرائڻي آهي. جنهن لاءِ سماجي تحرڪ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي، ذڪر ڪيل پروجيڪٽ جي طريقيڪار موجب ننڍن جانورن، جن ۾ رڍ، ٻڪري، گابي ۽ گابو اچي وڃن ٿا، جي انشورنس لاءِ جانورن جي ڪل ماليت جو 5 سيڪڙو ۽ وڏن جانورن جن ۾ مينهون ۽ ڍڳيون شامل آهن، تي ڪل ماليت جو 4 سيڪڙو انشورنس جي رقم ڏيڻي پوي ٿي. پروجيڪٽ تحت ننڍن جانورن جي ماليت جو 5 سيڪڙو ۽ وڏن جانورن جي ماليت جو 4 سيڪڙو رقم مان به 70 سيڪڙو رقم سرسو ادا ڪندو، جڏهن ته مالوندن کي فقط 30 سيڪڙو رقم ڏيڻي پوندي ۽ پوءِ اهو جانور هڪ سال جي عرصي تائين انشورنس جي پاليسي ۾ هوندو. مثال طور جيڪڏهن هڪ مينهن جي قيمت هڪ لک رپيا آهي ته انشورنس پاليسي موجب 4 سيڪڙورقم جي حساب سان انشورنس جي رقم 4 هزار رپيا ٿيندي. جنهن لاءِ 70 سيڪڙو رقم 28 سئو رپيا ٿيندي جيڪا رقم سرسو ادا ڪندو. جڏهن ته باقي فقط 12 سئو رپيا مالوند کي ادا ڪرڻا پوندا . مطلب ته فقط 12 سئو روپيا ادا ڪرڻ جي صورت ۾ هڪ لک روپين واري مينهن هڪ سال لاءِ انشورنس پاليسي جو حصو ٿي ويندي ۽ ائين هڪ سال اندر مينهن مري وڃڻ جي صورت ۾ ڪل رقم جو 80 سيڪڙو يعني 80 هزار رپيا ادارو مينهن جي مالڪ کي ادا ڪندو.

اهڙي پروجيڪٽ کي ضلعي گھوٽڪي ۾ تمام گھڻي پذيرائي ملي رهي آهي ۽ هن وقت تائين لڳ ڀڳ 2 هزار جانور انشورنس پاليسي جو حصو ٿي چڪا آهن. اهڙن جانورن مان اوليت انهن جانورن کي ڏني وئي آهي جيڪي هن کان پهريان هڪ سال لاءِ انشورنس پاليسي جو حصو هئا ۽ هڪ سال جو عرصو ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر وڌيڪ هڪ سال لاءِ انشورنس پاليسي جو حصو بڻايا ويا آهن. جڏهن ته ايندڙ وقت ۾ وڌيڪ جانور ان پاليسي جو حصو بڻايا ويندا . اهڙي ريت سرسو ضلعي گھوٽڪي جي غريب ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي اثاثي ( ملڪيت ) کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات سرگرم آهي.

غريب مالوند ماروئڙن سرسو جي اهڙي سهڪار کي ساراهيندي ان ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جو عزم دهرايو آهي.

# تبديليءَ ڏانهن سفر

عبداللطيف سومرو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو شڪارپور

ڳوٺ محمدآباد، ضلع شڪارپور شهر کان **28** ڪلوميٽر اولهه ۽ اتر طرف واقع هڪ وڏو ڳوٺ آهي جنهن جي آبادي **4500** ماڻهن تي مشتمل آهي. هي ڳوٺ تعلقه ڳڙهي ياسين جي حد ۾ اچي ٿو. ڳوٺ جا تقريباً سڀئي ماڻهو روزمره جي شين جي استعمال واسطي ڳڙهي ياسين جو رُخ ڪندا آهن. هتان جا اڪثر ماڻهو هلڪي ڦلڪي تجارت پڻ ڪندا آهن ۽ ڪجهه ٻني ٻارو ۽ مزدوري پڻ ڪن ٿا.

**ضرورت ڇاجي هئي:** سرسو - حڪومت سنڌ جي مالي سهڪار سان جڏهن يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام شروع ڪيو. جنهن ۾ تمام سرگرميون سماجي جاڳرتا تي منحصر هيون جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن کي غربت جي درجه بندي تحت منظم ڪيو ويو ۽ پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي عورتون جون تنظيمون ناهي انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ مختلف ڪوششون ورتيون ويون. اهڙي نتيجي ۾ ڪيترين ئي عورتن کي غربت جي اسڪور مطابق بنا وياج وارو قرض ڏنو ويو، صحت جي پاليسي مطابق ڪين مختلف سهولتون، فرش بندي، پيئڻ جي صاف پاڻي جون اسڪيمون، نوجوانن (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) کي هنر سکيا وغيره پڻ شامل هئا. انهن سمورن ڪمن ڪارن ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي مردن ۽ عورتن جي معيار زندگيءَ ۾ بهتري آئي. اهڙين سهولتن مان فائدو حاصل ڪندڙ ڳوٺ محمدآباد جي رهواسڻ نور بيبي پڻ هڪ آهي. جيڪا هنر جي سکيا وٺي پنهنجي زندگي تبديل ڪري چڪي آهي.




**تبديلي جو سفر:** اسان جي معاشري جا اهڙا ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي صرف ۽ صرف گڏ (منظم) ٿيڻ سان حل ٿي سگهن ٿا. يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام (UCBPRP) تحت ڳوٺاڻي تنظيم محمدآباد جوڙي وئي جنهن ذريعي ڪيترائي ترقي جا ڪم ڪيا ويا. ڳوٺاڻي تنظيم پنهنجي ميمبرن جي صلاح مشوري سان هڪ غريب ميمبر نور بيبي کي هارسينگار جي تربيت لاءِ نامزد ڪيو تنهن بعد نور بيبي هڪ قرارداد لکي سرسو آفيس موڪلي جيڪا جلد ئي منظور ڪئي وئي. ان بعد هڪ مهيني جي تربيت [illegible] سينٽر" موڪليو ويو. جتي هن ڪاميابيءَ سان هارسينگار جو ڪورس مڪمل ڪري سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو. ڳوٺ محمدآباد جي هيءَ اڪيلي نياڻي هئي جنهن هارسينگار جو ڪورس مڪمل ڪيو. نور بيبي بنا وياج واري قرض تحت -/15000 هزار وٺي پنهنجي ڳوٺ ۾ "دعا" نالي سان هڪ بيوٽي پارلر کوليو. ڳوٺ ۾ جڏهن هارسينگار جو پارلر کليو ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ اها خبر جڏهن پئي ته عورتن آهستي آهستي اچڻ شروع ڪيو. شادي وغيره جي موقعن تي ڪنوار کي سينگار ڪرائڻ واسطي هن سينٽر ۾ ڳوٺ کان علاوه پاڙيسري ڳوٺن کان به عورتون اچڻ لڳيون. روزمره جي حساب سان به عورتون ۽ ڇوڪريون هارسينگار ڪرائڻ هن سينٽر تي اچڻ ٿيون. هن وقت نور بيبي جو چوڻ آهي ته مونکي ايتري اميد ڪونه هئي ته ڪو منهنجو سينٽر ايترو هلندو. اها سرسو وارن جي مهرباني آهي جو هن وقت مان ماهوار 6000 - 5000 هزار ڪمائي وٺندي آهيان، جنهن سان منهنجو گهر جو گذرسفر تمام سٺو هلي رهيو آهي. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته "اونداهيءَ کي پاراتو ڏيڻ جي بجاءِ ڪوشش ڪيو ته اُتي شمع روشن ڪريو" ته اونداهي ازخود ختم ٿي ويندي.



# عورت ماءُ ۽ سماج

نثار احمد
مئنيجر اين.آر.ايم

سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن جي مڪمل حمد و ثنا ڪرڻ کان هر جان عاجز ۽ قاسر آهي. رب پاڪ هر شيءِ جا جوڙا جوڙا ٺاهيا. انهن ۾ مرد ۽ عورت پڻ شامل آهن اسلام کان اڳ مرد هميشه عورت تي تشدد ڪندو هيو، ڪيس پيرن جي جتي سمجهندي ذليل ۽ خوار ڪندو هيو. ڌيءُ جي ڄڻڻ تي ڪيس تشدد جو نشانو بڻائيندو هيو ۽ ڌيءُ پئدا ٿيندي هئي ته ان کي ڄمڻ سان ئي جيئري دفن ڪيو ويندو هيو.

نبي آخري زمان ﷺ اهڙي اونداهي معاشري کي روشن ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪندي جدوجهد ڪئي. الله پاڪ قرآن ۾ آواز ڏنو ته مرد ۽ عورت برابر آهن. المسلمون والمسلمات. الصابرين والصابراة

القانتون والقانتات - المؤمنون والمؤمنات - الشاڪرين - والشاڪرات. اهڙي ڪلام مان ظاهر ٿيو ته مرد ۽ عورت ٻئي برابر آهن. ڪٿي به مرد کي عورت تي برتري ڪونه آهي ٻئي معاشرتي گاڏي جا ٻه ڦيٿا آهن. مرد واري ڦيٿي کي معاش ڪمائڻو آ، ٻئي ڦيٿي کي گهر کي درسگاه ۽ يونيورسٽي ٺاهي معاشري کي عظيم معمار ڏيڻا آهن. ڇاڪاڻ ته معاشري جو بنيادي يونٽ گهر آ، ٻه ٽي گهر ملندا ته پاڙو ٺهندو ۽ پاڙا شهر ٺهندا. مرد جيئن ته جسماني جوڙجڪ جي لحاظ کان طاقتور آهي ان ڪري سندس ڪم ناڻو ڪمائڻ، معاش آڻڻ رکيو ويو جنهن لاءِ ڪيس جفاڪشي، ڪشالا، سفر ڪاٽڻا هيا. ۽ عورت کي گهر ۾ ڪم ڪندي گهر کي سڪون گاه، تدريس گاه ۽ ٻارن کي مستقبل جو معمار ٺاهڻو هيو. اهڙو اسلامي ڪم ڪندي ٿورڙي عرصي ۾ نبي پاڪ ﷺ جي رهنمائي ۾ ثابت ٿي ويو ته سماج جي بنيادي يونٽ ”گهر“ کي عظيم درسگاه ٺاهڻ ۾ عورت جو ڪردار عظمتدار رهيو. سماج کي سڌارڻ دوران مرد به وسان ڪين گهٽايو، هو ناڻو ڪمائي پيو، عورت ان کي صحيح خرچ ڪندي مستقبل جا عظيم معمار ٺاهيا. جن معاشري ۾ پاڻ ميڄرائيندي عظيم مفڪر، سائنسدان، طب جا ماهر، جاگرافي ۽ فلڪيات جا ايجاد ڪندڙ پئدا ڪندي جڳ کي منور ڪيو ۽ اهڙي طرح سنا پاڙا ٺهندي روشن امن ۽ انصاف ڀريا شهر ۽ ملڪ ٺهيا.



سماجي گاڏي جي ٻن ڦيٿن جڏهن پنهنجو پنهنجو ڪم قدرت جي عين تقاضا موجب ادا ڪيو ته ملڪن جا ملڪ جڳ مڳ روشن ٿيندا ويا.

الله پاڪ ارشاد فرمايو ”الرجال قوامون علي النساء“ مرد عورتن جا منتظم آهن. انتظام ڪاري Facilitation سندن حصي ۾ اچي ٿي. انصاف تي مبني ڪم ڪندي معاشري مان اونداهي ختم ٿي وئي، عورتن تي مظالم نه ٿيڻ لڳا. ڌيئرن کي جيئري دفن ڪرڻ بند ٿي ويو ۽ ترقي پروان چڙهندي وئي، ٻين معاشرن اهڙن اسلامي معاشرن تي رشڪ ڪندي ان ئي طريقي کي اپنايو، جنهن ۾ عزت، انصاف، مياڻه روي گڏيل سڏيل اجتمائي ڪم شامل هيو. نبي ڪريم ﷺ پنهنجي سموري زندگي ۾ عورتن سان عزت، انصاف ۽ برابري واري حڪمت عمليءَ سان پيش آيا. سائينجن سندن شموليت ڪار رهيا نه کي حڪمران - بيبي صاحبه کي اٺ تي چڙهڻ لاءِ پاڻ ڪريمن گوڏو اڳتي ڪري ڏنو ان تي بيبي صاحبه پير رکيا ۽ اٺ تي

چاڙهيو. بيبي حوا کي ڏاڏي آدم جي کاٻي کک مان ان ڪري ناهيو ويو ته جيئن مرد عورت سان برابر شايان شان رهي ڪري معاشري جي سنوار ڪري سگهن ۽ دل جي پرسان پڻ رهي.

سماجي ترقي کي بهتر بنائڻ واري گاڏي ۾ مرد ۽ عورت برابر آهن. پر قدرت واري پنهنجي فطري مالڪي تقاضا موجب ماءُ جو شان عظيم ڪيو آهي. ڏات جي لحاظ کان ماءُ مهان، مان ۽ شان واري ڏات ڏٺي آهي. ان جي ڪردار ۾ خدائي صفتن جو عڪس شامل آهي، جيئن ته ماءُ خالق آهي، تيئنئن الله به خالق آهي. ماءُ راحمين، شفقت سان تمثار ۽ قدرتي رحمتن سان سرشار آهي تيئن الله پاڪ به آهي. هرڪنهن جو رب آ ۽ ماءُ به هڪ آهي. نبين جي پيءُ تي به شڪ آهي پر مائرن تي نه مثلا حضرت عيسيٰ عليه سلام جي ماءُ بيبي مريم هئي پر پيءُ تي ڪوڙ ساترا سوال آهن. ماءُ ڏاتار جي ڏنل نعمتن جو زمين تي عظيم الشان تحفو آهي. سندس چهري مبارڪ کي ڏسڻ سان عمري ۽ حج جيترو ثواب آ، سندس دعا ۾ پرپور اثر آهي.

نبي پاڪ فرمايو آنءُ اگر نماز جي حالت ۾ هجان ۽ ماءُ مونکي سڏ ڪري ته آءٌ نماز ڇڏي ماءُ جو سڏ ٻڌندس. دائي حليمه سائينجن سان ملڻ اچي ٿي پاڻ چادر مبارڪ وڇائي کين ويهاريو. جڏهن موڪلائي رواني ٿي ته پاڻ ڪريم تيستائين تعظيم ۾ بيٺا رهيا جيستائين دائي حليمه نظرن کان اوجهل نه ٿي وئي، هيءَ دائي جي عزت ۽ احترام سائينجن سيکاريو ته ماءُ جو شان ڇا هوندو؟

ماءُ جي خدائي صفتن موجب هوءَ هميشه ڏيڻ واري رهي آهي. ايثار ۽ قرباني جي سرشار جيجل امڙ جنم ۽ وجود ڏيندي بهترين معاشرتي باڪردار انسان ناهڻ لاءِ بي لوث ڏينهن رات پنهنجي ننڊ قربائي رت ڪاڙهي اولاد کي پنهنجي وات تان گره لاهي به کارائيندي ٿي رهي، ڏيندر ٿي رهي. سندس اهڙي روش قدرت کي درڪار ۽ گهربل طريقه،ڪار موجب آهي. هوءَ ٻانهاٻ جي عظمت کي ڇهندي، خداتي صفتن جو مجموعو آهي ۽ پنهنجي اولاد کي صرف ڏيڻ تي مامور آهي.

چنڊ سج تارا، درياء، سمنڊ وڻ ٻوٽا پکي پکڻ هوائون مينهن نيز دنيا ۾ جيڪي به خدا جون خلقيل شيون آهن سيئي الاهي احڪامن تحت ڏيڻ تي مامور ۽ مجبور آهن. دريائن سدائين زمينن کي سيراب ڪندي زندگي کي وجود ڏنو آهي، درياء پنهنجو پاڻي ڪڏهن ڪونه پيتو آهي. سج روشني ڏيڻ تي مقرر آهي هن پنهنجي روشني ڪونه کاڌي آهي، وڻ هميشه ڇانوَ، ڦل ميوا حتاڪ ڪاٺيون به ٻارڻ لاءِ ڏنيون آهن ته جيئن پلي سندس وجود ختم ٿئي پر هو انسان لاءِ لاڀائتو رهي، جيڪو قدرت کي درڪار آهي. انسان کان به اهو گهريو وڃي ٿو، ماءُ به ايئن آهي. ان جي عظمت جي سلامي طور سندس پيرن جي هيٺان جنت آهي. آخرت ۾ سيني کي حساب ڪتاب لاءِ جڏهن پڪاريو ويندو ته ماءُ جي نالي پٺيان سڏ ڪيو ويندو. ماءُ ٻانهاٻ جي بلندين کي ڇهي ٿي جيڪا رب پاڪ طلبي ٿو.

هتي به هينئر ATM ڪارڊ، ڪريڊٽ ڪارڊ، شناختي ڪارڊ ماءُ جي نالي جي بنياد تي ناهيا وڃن ٿا.

**ماءُ مطعلق ڪجهه قول هيٺ ڏجن ٿا.**

- جنهن کي پنهنجي ماءُ معصوم نظر نه ٿي اچي ان کي خودڪشي ڪرڻ گهرجي.
- عورت جي فطرت ماءُ بڻجڻ آ. ڌيءُ، ڀيڻ، زال بڻجڻ معاشري جي گهرج آهي.
- ماءُ ٻار کي مار ڏني، ٻار ماءُ کي ئي چنبڙيو. ماءُ ڪيس وهنجاري نوان ڪپڙا پارائي ماني کارائي اهڙو نظارو پيار ۽ قرب جو انمول مثال آهي.
- پڙهيل لکيل استاد، اڻ پڙهيل مائرن جا شاگرد رهي چڪا آهن.
- منهنجو يقين آ ته مئل ٻار اگر ماءُ جو کير پيئندو رهي ته مائرون ڪڏهن به انهن کي دفن ٿيڻ نه ڏين.
- مائرن آڏو عقل جا دليل نه ڏيندا ڪريو. کين خالق جي تجربن ۽ مشاهدن سان قائل نه ٿو ڪري سگهجي.

- انسان تڪليف ۾ جڏهن هاء امان چوندو آ ته سندس ماءُ اگر مئل به هجي ته اها ان ڪان گهٽو پري ڪونه هوندي آهي.
- مائرون بدڪارن ڪان به نه ٿيون رسن. ژالون پيغمبرن ڪان به هليون ويون.
- مائرن جي گود ۾ وينل ٻار واري تصوير هر چوڪ تي لڳايو ته ڪوبه گمراهه ڪونه ٿيندو.
- سٺيون مائرون پنهنجي لاون وارو جوڙو ۽ زيور اولاد لاءِ رکنديون آهن.
- ماءُ ٻار لاءِ توحيد جو اشارو آهي، جيڪو ماءُ کي نه سمجهي سگهيو اهو توحيد الاهي کي به نه سمجهي سگهيو.
- اگر مائرون نه هجن ته اولاد جو وجود چند سالن ۾ ئي ختم ٿي وڃي.
- ماءُ ڇانودار وڻ آهي جنهن تي خزان اچي ئي ڪونه ٿي.
- اگر ڪا شيءِ موت تائين ياد رهي ٿي ته اها "ماءُ" ئي آهي.
- الله تنهنجا سڀ گناهه بخشيندو تون رڳو ماءُ کي راضي ڪر.

سالن ۽ صدين جي سفر بعد ملن، مولوين جي دوڪانداري عيوض "الرجان قوامون علي النساء" مرد، عورت جا منتظم آهن" کي گهري سازش تحت ان آيت جي معنيٰ ڦيرائي وئي جنهن ۾ چيو ويو ته "مرد عورت جا حڪمران آهن." ان ڪم ۾ مغرب، ٽي.وي چينلن، سياستدانن وسان ڪونه گهٽايو. ان بعد عورت ماءُ جتي سهٽا گهرڙا پئي ٺاهيا، مستقبل جا معمار پئي اڏيا معاشري جي عظمت واري ڦيٽي طور ڪم پئي سرانجام ڏنو، ڪيس اتان ڪڍي معاش ۽ پئسن بنائڻ واري ڪم تي رکيو ويو. هوءَ مرد لاءِ باعث سڪون جي بجاءِ باعث تفريح ٿي وئي.

نوڪريون ڪرڻ، ٻنين ٻارن، رونبن، چوندن، لاٻارن ۽ مال متاع جي پالنا ڪتر ڪندي ڀاڙا ملڻ وارو ڪم سندس حوالي ڪيو ويو. جنهن جي ڪري گهرن جهڙن ادارن ۾ مستقبل جي معمارن جي اصلاح، سارسنڀال وارو ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو. ۽ معاشرو منتشر ٿي ويو، عورت جي آزادي جي بدنيتي تي مبني نعري! ٺهيل ٺڪيل معاشري جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو ۽ ڏسندي ڏسندي مسلم معاشرا تباهه ٿي ويا. تعميري ڪم بدران تباهه ڪاري طرف روان دوان ٿي ويا.

سرسو کي وري هڪ دفعو عاليشان ۽ شاندار موقعو فراهم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪين 100 سيڪڙو ماءُ عورتن جي زندگين کي بهتر بنائڻ ۽ صحيح گس لڳائڻ تي لڳايو ويو آهي. دعا آهي ته شال الله ۽ رسول ﷺ طرفان سيڪاريل ان گس تي گامزن ٿيندي ٻيهر سٺن گهراڻن ۽ بهتر معاشرن وارو خواب ڏسي سگهون. اگر الله ۽ رسول ﷺ کي نه مجيوسين ته وري ٻيهر سٺن معاشرن جو خواب ڪونه پسي سگهنداسين ان لاءِ سڀني سماج سڌارڪن کي گهرجي ته هو گراس روٽ ليول (هيٺئين سطح) تي عورت ماءُ تي ڪم ڪندي ڪيس وساريل سبق ياد ڏيارين ته جيئن پٽڪيل رستي کي ڳولهيندي وري صحيح ۽ ترقي واري گس تي چڙهي سگهون ان دڳ تي چڙهڻ بعد ئي معاشري جي ترقي ۽ آخرت جي سنوار حاصل ڪري سگهبي. ۽ گهرڙا مثالي ٺهندا ۽ معاشري کي سڌارڻ لاءِ بهترين سائنسدان، سياستدان مفڪر علماء ۽ استاد ملندا ۽ جيئري ئي جنت جهڙو سماءُ پسي سگهبو.

**

# غربت ختم ڪرڻ جو نسخو

**بخت علي ابڙو**
سينيئر پروگرام آفيسر MER

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ ”توهان پلي غريب پئدا ٿيو، توهان جا ڪپڙا قاتل هجن ۽ جُتي ڇڳل هجي پر اگر اوهان جو ذهن محلات لاءِ سوچي ۽ لوچي ٿو تہ توهان غريب نہ آهيو.“

غربت اسان جي سنڌ لاءِ ناسور ضرور بڻيل آهي. پر، اهو مهلڪ لاعلاج مرض هرگز ڪين آهي. قدرت ڪنهن کي غريب پئدا ڪري ٿي ۽ اهو ماڻهو پنهنجي ذهني صلاحيتن کي اجاگر ڪندي جدوجهد واري مرحلي مان گذرندو تہ منزل ضرور ماڻيندو.

انگريزيءَ ۾ بہ چوڻي آهي تہ ”الله انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪن ٿا.“ غريب پئدا ٿيڻ وڏو ڏوهہ ڪونہ آهي. پر، وسائل علم تعليم هوندي ڪو غريب ٿي مري وڃي ٿو تہ اهو سندس ڏوهہ ضرور آهي. ڇو تہ غربت ان ڏوهہ جي سزا آهي جنهن جي عيوض ان محنت نہ ڪئي هنر نہ پرايو. الله پاڪ نبي ﷺ کي بہ **اقرا باسم ربک** سيکاريو جنهن پڻ ٻڪريون چاريون، واپار ڪندي ڪوڙ ساترا پورهيا ڪيا، ۽ پڻ ارشاد فرمايو تہ پينگهي کان قبر تائين علم حاصل ڪريو. ٻئي هنڌ فرمايو تہ علم حاصل ڪريو چاهي توهان کي چين بہ ڇونہ وڃڻو پوي. قرآن ۾ بہ آيل آهي تہ الله جا علم ايترا آهن جو سمنڊ جو پاڻي مسُ ٿي پوي سڀ وڻ قلم ٿي پون ۽ ڌرتيءَ تي علم لکيا وڃن تہ مَسُ ختم ٿي ويندي. پر الله جا علم ڪونہ کٽندا. سائنس ٻڌائي ٿي تہ انسان جڏهن بہ مشڪلات ۾ ڦاسندو آهي تہ هن جو ذهن حرڪت ۾ اچي ويندو آهي. ذهن جي مسلسل سوچ ۽ حرڪت ان مشڪلات جو ڪونہ ڪو حل ۽ رستو ڳولهي وٺندي آهي. ايئن انساني ذهن جنهن جي ساخت هڪ صوف جيتري آهي. سو هڪ سيڪنڊ ۾ 600 ياداشتون حفظ ڪري وٺي ٿو ۽ قوت تصور جي عيوض هرڪوجنا جو باعث آهي.

هن جي دماغ جي طرز جو ڪمپيوٽر ٺاهڻ لاءِ 200 منزل عمارت گهربل آهي ۽ اهڙي ڪمپيوٽر کي ٺاهڻ لاءِ 20 سال ۽ 4 لک ميگاواٽ بجلي گهربل آهي. خدا جي طرفان اهڙي انمول ڏات کي انسان ذات استعمال ڪندي خلا تي ويهي دنيا تي حڪمراني ڪري ٿو تہ غربت منجهان نجات حاصل ڇوڪونہ ڪري سگهندو.

هر انسان جي اردگرد وسائل موجود آهن. انهن جي استعمال ڪرڻ جو علم هنر ڪاريگري ۽ ڏات موجود ڪونہ آهي. اسان جي سنڌ جا ماروئڙا ٽن ٻرندڙ مسئلن جي ور چڙهيل آهن. سي هي آهن (1) امن امان: جنهن جي ڪري ڪم ڪرڻ جا ڪلاڪ مختصر ٿي ويا آهن. (2) مالي ۽ قدرتي وسيلا: يعني جنهن جي عيوض ڪاروبار، ڪارخانہ، صنعتون هنيون وڃن. (3) هنر، علم، ڪاريگري تعليم جنهن جي طاقت سان مالي وسيلن ۽ امن امان تي عبور حاصل ڪري سگهجي.

اسان سچائي جي آئيني ۾ ليئو پائي ڏسنداسين تہ اسان وٽ ڪاريگري، مهارت، علم، دانش، ڏاهپ جهڙي ڪيميا جي اثاث آهي نہ ڪي مالي ۽ قدرتي وسيلا ۽ امن امان. دنيا هڪ گلوبل ڳوٺ ٿي چڪي آهي ان جو جائزو وٺبو تہ انهن ملڪن غربت مان نجات حاصل ڪئي آهي، جن وٽ مهارت، علم، هنر ۽ ڪاريگري هئي. هنن هر ماڻهو کي باهنر ۽ صلاحيت ڀريو بڻايو. هر ماڻهو ڪاريگري ڏيکاريندي پنهنجي گهر ۾ ننڍا ننڍا انٽرپرائيز قائم ڪيا. ڪي پکي جا پر ٺاهڻ لڳا تہ ڪي ڄار، بش ۽ موٽر تہ ڪي سڄي پکي کي (آخري شڪل) اسيمبل ڪندي پيڪ ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪرڻ لڳا. ڪن نٽ بولٽ، گديون، ٻوريون ٺاهيون.

اسان جو ديس زراعت، معدنيات، پاڻي، ڪوئلي، لوهه، ٽانبي سان مالا مال آهي. اميرن وٽ پئسا بہ جام آهن. پر، علم ڪاريگري جي اڻاٺ ڪري اسين انهن جو ڀرپور استعمال ڪونہ ڪري سگهيا آهيون. اسان وٽ رليون، برٽ، اپيلڪ، چنوا، تڏا، کيس، سلائي ڪڙهائي جا انمول نمونا، اجرڪ ٽوپيون تہ ٺاهيون وڃن ٿيون. پر، اسان 70% زراعت سان واڳيل ماڻهن ۾ اها جاڳرتا پيدا ڪونہ ڪري سگهيا آهيون تہ هاري آبادگار ڪڻڪ مان ڪيڪ، بسڪيٽ، پيسٽريون، سيون، ڪڇ، ٻج وغيره ۽ مال منجهان گوشت، کير، آئس ڪريم، ڏهي جي پيڪنگ ۽ ٻاءِ پراڊڪٽس ڪيئن ٺاهجي. هنن ۾ ڄاڻ ڪونہ آهي تہ ٽماٽو ڪيچ اپ، آلو چپس ۽ ٽيٽرا پيڪ جوس ڪيئن ٺاهجي، ڪپهہ مان ڌاڳو ٺاهيندي ان مان ريڊي ميڊ گارمينٽس ٺاهيندي بنگلاديش جيان ڪيئن جهجهو ناڻو ڪمائجي. اشد ضرورت ان امر جي آهي تہ هر ماڻهو کي هنر مهارت، ڪاريگري جهڙي زيور سان مالامال ڪيو وڃي تہ جيئن گهر گهر انڊسٽري لڳي سگهي ۽ وس وارا آسودا ماڻهو ڳوٺ سطح تي ٽيڪسٽائيل، پيپر، هارڊبورڊ، تيل ڪڍڻ، جوس ٺاهڻ وغيره وغيره جا ڪارخانا لڳائين تہ غربت جو خاتمو ٿي سگهي ٿو. اسان جي حڪومت هنر فراهم ڪندڙ ادارن کي فعال ڪري. امان امان بحال ڪندڙ ادارن تي ڪڙي نظر رکي ۽ مالي ادارن کي سهڪار ڪرڻ جي لاءِ همٿائي تہ زبردست انقلاب اچي ويندو. پلاننگ ۽ رٿابندي تي عمل درآمد ڪرائجي نہ کي ڪاغذي ڪم ڪجي. ان ڏس ۾ مذهب، سياست، لسانيت جو ذڪر نہ هجڻ گهرجي. صرف ۽ صرف علم ڪاريگري، مهارت تي زور ڏنو وڃي.

ديس جي هر باشندي تي لازم ڪيو وڃي تہ هو تعليم ۽ ڪاريگري ضرور حاصل ڪندو ورنہ سندس شناختي ڪارڊ ئي نہ ٺاهيو ويندو ۽ ڪيس ديس جي شهريت ئي ڪونہ ڏني ويندي هو ديس ۾ هوندي پرديسي هوندو. وس وارن تي لازم آهي تہ هو عملي قدم کڻن سڪٽين ڳالهين هن وقت تائين ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي.

هڪ جملي ۾ اگر اهو چئجي تہ علم ڪيميا ۽ هنر بادشاهہ آهي جنهن سان قوم جي تقدير بدلجي سگهي ٿي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جنهن جو مول، متا ۽ مشن ئي اهو آهي تہ ٻهراڙي جي ماڻهن مان غربت جو خاتمو آڻيندي، سندن وک خوشحال زندگي طرف وڌرائي وڃي. ان ڏس ۾ سماجي تحرڪ جو Tool استعمال ڪيو ويندو آهي. سوشل معنيٰ سماج ۽ موبيلائيزيشن يعنيٰ هڪ تحريڪ، هلچل، تحرڪ جنهن تحت غريب ماڻهو کي هنر، علم ۽ ڪيميا جي موتين مالها پارائيندي سينگارجي ۽ هڪ هنريافتہ ماڻهو 8 کان 10 ڪلاڪ پنهنجي ڳرَ، ڌنڌي ڪاروبار وسيلي حرڪت ۾ اچي تہ روزانہ پنج سؤ کان اٺ سؤ روپيہ آرام سان ڪمائي سگهي ٿو. اهڙن موتين پارائڻ لاءِ سرسو وٽ ڪافي سيڪٽر موجود آهن جي پاڙي سطح تي گڏجاڻيون ڪندي ماڻهن کي اهڙن زيورن سان آراستہ ڪندي Organize ڪندي ڪين ڪم ۾ مصروف ڪندا آهن.

اهڙي هلچل، تحريڪ ڳوٺ ڳوٺ ۾ هلائيندي هڪ انقلاب آڻي سگهجي ٿو، جنهن تحت غريب ماڻهو ٻي ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونہ ٽنگيندا ۽ پنهنجي محنت عيوض خوشحال زندگي وارو خواب ڏسي سگهندا ۽ هنر بادشاهہ وارو پهاڪو عملي طرح پَسندي انسانذات ۽ وطن عزيز جي خدمت واري ڪم کي عملي جامو پارائي سگهندا.

**

# روشني: لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSO)

## يونين ڪائونسل گلوالي ضلعي ڪشمور ـ ڪنڌڪوٽ جي ڪارگذاري



اسد علي جتوئي
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
ڪشمور- ڪنڌڪوٽ

يونين ڪائونسل سطح تي غربت گھٽايو پروگرام حڪومتِ سنڌ جي هڪ بهترين ڪارڪردگي آهي، جنهن جي ذريعي غربت گھٽائڻ لاءِ غريب ماڻهن جي صلاحيتن ۾ بهتر اضافو ڪيو ويو آهي ۽ اهو سلسلو جاري آهي. هن پروگرام (UCBPRP) جو مقصد سماجي جاڳرتا (Social Mobilization) ذريعي ڳوٺاڻين عورتن جي معيار زندگيءَ کي بهتر ڪرڻ آهي، خاص ڪري اهي جيڪي غربت جي لڪير کان به هيٺ زندگي گذاري رهيون آهن. هن پروگرام تحت ڳوٺاڻين عورتن، ڳوٺاڻي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي غريبن جي تنظيمن جي صورت ۾ منظم ڪرڻ آهي.

جيئن ته 2009ع ۾ يونين ڪائونسل گلوالي تعلقه تنگواڻي ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۾ تنظيمن جوڙڻ جي شروعات ڪئي وئي ۽ هن وقت تائين يونين ڪائونسل گلوالي ۾ پاڙي وارين تنظيمن جو تعداد 102، ڳوٺاڻي تنظيمن جو تعداد 45 ۽ هڪ LSO ”روشني“ جوڙي وئي آهي. لوڪل سپورٽ آرگنائزيشن ”روشني“ جي چيئرپرسن عائشه خاتون ۽ سندس ساٿين جي جفاڪشي بي لوث خدمت ۽ جذبي تحت سرسو ۽ ٻين ادارن کان ڪافي سارا ڪم پنهنجي يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪرايا آهن، اها ايل.ايس.او روشني جي ورڪر عورتن جون ڪاوشون ۽ محنتون ئي آهن جو هي سلسلو جاري و ساري آهي.



**ڪجھ فائدا جيڪي ايل.ايس.او روشني جي پليٽ فارم تان ورتا پئي ويا جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته روشني جو اهو سفر اڃان جاري آهي:**

- ايل ايس.او روشني جي پليٽ فارم تان مختلف ادارن سان رابطه ڪاري جو سلسلو شروع ڪيوسين. نتيجتاً صحت صفائي جي حوالي سان UNICEF سان ملي ڪري مختلف تنظيمن ۾ سيشن منعقد ڪراياسين، جنهن ۾ عورتن کي صحت جي حوالي سان مڪمل آگاهي ڏني وئي ۽ غريب عورتن کي صابڻ، ٽوال وغيره ڏنا ويا، منصوبه بندي جي حوالي سان ماري اسٽوپس سوسائٽي سان رابطو ڪري مختلف ڳوٺن جي عورتن کي منصوبه بندي جي بهتر ڄاڻ مهيا ڪندي

ڪين منصوبہ بندي ڪرائي وئي جنهن سبب انهن عورتن جي تندرستي ۽ صحت تي تمام سٺو اثر پيو آهي. ايل.ايس.او جي هڪ ڪاميابي اها بہ آهي تہ گڏيل مشوري ۽ صلاح سان ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪان ڳوٺ رسول آباد لاءِ هڪ بجلي جو ٽرانسفارمر منظور ڪرايوسين. جنهن سان ڳوٺ ۾ بجلي جي پريشاني ڪان ڪجهہ ڇوٽڪارو ملي سگهندو. آئينده اسان جي اها بہ پلاننگ آهي تہ اسين پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ غريب ۽ مستحق عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ سپورٽ پروگرام جا ڪارڊ ٺهرائي ڏينداسين ۽ مختلف ادارن سان ملي ڪري يونين ڪائونسل گلوالي لاءِ پروجيڪٽ آڻڻ جي ڪوشش ڪنديون سين تہ جيئن وڌ ۾ وڌ هن يو.سي ۾ ترقياتي ڪم ٿي سگهن. ان ڪان علاوه:

- غربت گهٽائڻ لاءِ ڳوٺاڻين تنظيمن مان 27 ڳوٺاڻين تنظيمن کي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ مهيا ڪيو ويو آهي جنهن مان 796 گهراڻن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي جيڪا ڪل رقم -/82,33000 روپيہ آهي ۽ امداد 14 VOs کي ڏني وئي آهي جنهن مان فائدو وٺندڙ گهراڻا 43 آهن ۽ رقم -/41,6000 روپيہ آهي.



- **گهٽ قيمت وارن گهرن جي فراهمي:** يونين ڪائونسل گلوالي ۾ گهٽ قيمت تي گهر جوڙائڻ واري سرگرمي ڏاڍي شاندار هئي. LSO جي سطح تي سرسو جي مختلف پروگرامن مان فائدو حاصل ڪندي يونين ڪائونسل گلوالي جي ٻن (2) ڳوٺن 1. ارسلان خان بجراڻي 2. رسول آباد ۾ هن سرگرميءَ تحت ڪميونٽي جي انهن تمام گهٽي غريب گهراڻن کي جيڪي جهوپڙين ۾ زندگي گذاري رهيا هئا تن کي گهٽ قميت وارن گهرن جي اسڪيم تحت اجها فراهم ڪيا ويا آهن، ڇو تہ انهن کي هڪ محفوظ ۽ سٺي گهر جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ اسڪيم تحت 206 گهراڻن کي گهٽ قيمت وارا گهر تعمير ڪري انهن ئي غريب ماڻهن کي ڏنا ويا آهن.

- **هنري تربيتي پروگرام:** بيحد غريب ۽ محروم گهراڻن سان وابسطہ نوجوانن جي چونڊ ڪري ڪين هنري مهارتن جون تربيتون ڪرايون ويون آهن. انهيءَ هنري تربيتي پروگرام تحت يونين ڪائونسل گلوالي ۾ 220 نوجوانن ۽ 146 ڇوڪرين کي مختلف هنري تربيتون ڪرايون ويون.

- **ٽريڊيشنل برٿ اٽينڊنٽ:** دائن جي تربيت ڳوٺاڻي سطح تي ڪنهن بہ ناگزير حالتن ۾ تمام اهم ڪردار دايون ئي ادا ڪنديون آهن. ڇو تہ اسانجن ڳوٺن ۾ ويم ڪرائڻ لاءِ اوچتي پيدا ٿيندڙ صورتحال جي حوالي سان ڪا بہ صحت جي سهولت موجود نہ هوندي آهي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ LSO جي پليٽ فارم تان يونين ڪائونسل مان چونڊ ڪري 30 عورتن کي TBA جون تربيتون ڪرايون آهن تہ جيئن ڳوٺن اندر موجود عورتن کي ڪنهن بہ اوچتي ويم جي تڪليف دوران هڪ جذبي ۽ ايمانداريءَ تحت پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهن.



• **ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ:** هي فنڊ ڳوٺاڻي سطح تي بار بار استعمال ۾ آندو وڃي ٿو. ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund جو نظام هلائڻ جي ذميداري هڪ منظم تنظيم جي حوالي هوندو آهي ۽ اها تنظيم گهراڻن کي سُود کان پاڪ قرض فراهم ڪرڻ جي مجاز هوندي آهي. ۽ اهو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طرح سان ان جي استعمال کي جاچيو ويندو آهي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت يو.سي گلوالي جي 796 گهراڻن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي. جيڪي هن وقت گهڻو خوشحال ته نه، پر بهتر زندگي گذاري رهيا آهن.



• **آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ:** آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ (IGG) ڏيڻ جو بنيادي مقصد اهو آهي ته ڀهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو ان قابل بڻجن جو هو پالتو مال يا زراعت جي مد ۾ مختلف شيون خريد ڪري سگهن. اهڙين سرگرمين سان گرانٽ جي صحيح ۽ پيداواري استعمال جي پڪ ٿئي ٿي ۽ آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ (IGG) وٺندڙن مان ڪيترائي ماڻهو ان لائق بڻجي ويا آهن جو انهن (CIF) جو قرضو پڻ ورتو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي غريب کان غريب تر واري صورتحال مان اجا ٿي رهيا آهن ۽ هاڻ هو ان کان هڪ قدم اڳتي ٻئي درجي ۾ شامل ٿي ويا. انهيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي يونين ڪائونسل گلوالي ۾ 43 فائدو حاصل ڪندڙن کي آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ IGG ڏني وئي آهن، جنهن مان هو روزمره بهتر آمدني حاصل ڪري رهيا آهن.

• **پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي اسڪيم:** پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي لاءِ ڳوٺ ۾ موجود پاڻيءَ جي جانچ ڪرائي وئي ۽ ان جي صاف ۽ صحتمند هئڻ جي پڪ ڪرڻ بعد اسان پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ پروگرام مطابق سينيٽيشن جي اسڪيم جو پڻ جائزو ورتو. اداري پاران ضروري ڪاغذي ڪاروائي ڪانپوءِ اهڙيون اسڪيمون ڳوٺاڻين تنظيمن جي حوالي ڪيون آهن، ته جيئن اهي تنظيمي ميمبر بيٺل يا خراب ٿيل اسڪيمن جي ٻيهر بحاليءَ تي ڪم ڪن ۽ ڳوٺاڻي تنظيم پاڻ پنهنجن وسيلن جي آڌار تي ان کي نه صرف هلائي، پر ان جي سار سنڀال لهي ۽ ان جي انتظام ڪاري پڻ پاڻ سنڀالي. انهيءَ سموري ڪم کي LSO ڏسي رهي آهي. انهيءَ همٿائيندڙ سرگرميءَ تحت يونين ڪائونسل ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ جون 18 اسڪيمون نه صرف ڏنيون ويون آهن پر اهي ڪاميابيءَ سان هلي به رهيون آهن.



**

# شراڪتي ترقي

نثار پناڻ
نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ

آمريڪا آگسٽ 1945ع ۾ پنهنجا ٻه ائٽم بم هيروشيما ۽ ناگاساڪي (جاپان) تي ڪيرايا نتيجي ۾ جاپان ذرا پرزا ٿي ويو چند منٽن ۾ عظيم الشان شهر کنڊرات ۾ تبديل ٿي ويا. ائٽم بم جي تپش ڪري ڏهه هزار ماڻهو ٻاڦ ٿي اڏري ويا ۽ انسان، حيوان، وڻ ٽڻ، پکي پکڻ سڀ سرمو ٿي رک ٻڻجي ويا. ان حملي ۾ ڏيڍ لک ماڻهو مري ويا ۽ سالن تائين تابڪاري اثرات جي ڪري جاپان جا ماڻهو اپاهج ٿيندا رهيا.

اڄ اهي ٻئي شهر شراڪتي محنت عيوض پهرئين حال کان به وڌيڪ خوبصورت ۽ عظيم الشان آهن. جاپانين ائٽم بمن کان پوءِ 8 ڪلاڪن جي بجاءِ 18 ڪلاڪ محنت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ان ڳڏيل محنت عيوض جاپاني قوم دنيا ۾ ترقي ڪندي هر شعبي ۾ پاڻ مجرايو. هنن جون ٺاهيل شيون اڄ سڄي دنيا ۾ هڪ نمايان مقام رکن ٿيون ۽ سندن اعليٰ معيار جو مثال هر مارڪيٽ ۾ نظر اچي ٿو ۽ سندن مڃيو وڃي ٿو.

ساڳئي نسخي تي اسان جي پاڙيسري ملڪ "چين" به عمل ڪيو سندن اڳواڻ مائوزي تنگ سڄل قوم ۾ شراڪتي بنيادن تي ڪم ڪار ڪرڻ جو رواج وڌو. ان فارمولي قوم جي تقدير بدلائي ڇڏي، سندن محنت عيوض ڌرتي جو چپو چپو آباد ٿي ويو. ترقي جي هر شعبي ۾ هنن پاڻ مجرايو وطن عزيز جي آزادي کانپوءِ حاصل ڪندڙ ملڪ اڄ دنيا جو پهريون نمبر ترقي يافته ملڪ آهي.

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُورِ مِن بَعْدِ الذِّكْرِ أَنَّ الْأَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصَّالِحُونَ ﴿١٠٥﴾

ترجمو: "موت جي زندگي جي قانون جي تفصيل بعد اسان زبور ۾ اعلان ڪري ڇڏيو هوته زمين جون وارث اهي قومون هونديون جنهن کي زنده رهڻ جي صلاحيت هوندي"

يعني قرآن پاڪ ۾ به الله سائين ارشاد فرمايو ته اهي قومون زمين تي پنهنجو وجود قائم دائم رکي سگهنديون جيڪي پنهنجي بقا لاءِ جدوجهد ۽ محنت ڪنديون.

اسلام واحد مذهب آهي جنهن ۾ نماز، روزو، زڪواة، حج جهڙا اهم رڪن اهو اشارو ڏين ٿا ته شراڪتي بنياد تي ڪم ڪار ڪيا وڃن جنهن جو فائدو معاشري کي حاصل هجي، جيڪي گناه صادر ڪيا ويا آهن اهي سڀئي معاشري کي نقصان پهچائيندڙ آهن. اهڙن ڪمن سان غريب، بي پهچ نادار ۽ ڪمزور انسان ناانصافي واري عتاب جي ور چڙهي ويندا آهن. ترقي يافته قومن پڻ مذهب اسلام واري شراڪتي عمل کي ڏسندي ترقيون ڪيون. آمريڪا 50 هزار ٽن وارو جهاز 16 مهينن ۾ ٺاهي ٿو. ساڳئي جهاز کي اسپين وارا 24 مهينن ۾ ٺاهين ٿا جڏهن ته جاپان ۾ صرف 8 مهينن اندر اهڙو جهاز ٺاهيو وڃي ٿو.

چين 30 منزلہ عمارت 30 ڏينهن ۾ ٺاهي ڏيکاري ان سڄي منظرنامي جو جواب آهي، شراڪتي عمل ۽ Team Work ترقي يافته ملڪن ۾ شراڪتي عمل کي قومي فرض سمجهيو وڃي ٿو. اتي هر سرگرمي اجتماعي هوندي آهي. ڪابہ سرگرمي انفرادي عظمت يا شخصي اشتهار جو ذريعو ناهي بڻائي وئي. گڏجي سڏجي سلهاڙجي ڪم ڪرڻ دوران امتيازي شخصيت جو اپار ڪنهن ۾ نه ايندو آهي. وڏي ترقي حاصل ڪرڻ جو آسان نسخو اتحاد ۽

شراڪتي ڪم ڪار آهي. نماز زڪواة حج ان جا واضع مثال ۽ اهڃاڻ آهن. انسان معاشرتي جانور Social Animal آهي. جيڪو اڪيلو سماج ڪونہ اڏي سگهندو. ان ڪي ملي جلي ڪري رهڻو آهي. ڪِولِ بہ سماجي جانور آهي. قرآن پاڪ جي سورة نمل (ڪِولِ) انساني سرشتي جيان رهي ٿي. هو قطار ڪندي هلي ٿي جنهن مان Discipline جهڙو اعليٰ مثال عڪس ڪري سگهجي ٿو. هوءَ پنهنجي رهائش گاهہ (ٻر) ٻاهران زراعت پڻ ڪري ٿي ۽ اناج جو لابارو ڪندي ان ڪي بارش ڪان اڳ ٻر ۾ ذخيرو ڪندي آهي. هڪ ڪِولِ مري وڃي تہ ٻيون ان ڪي پٺي تي کڻي وڃي دفن ڪري ايندڀون آهن.

ترقي ۾ سڀ ڪان وڏي اهميت قومي مزاج جي هوندي آهي. اسلام ۾ وياج حرام آهي، ان ڪري مسلمان بئنڪ ڪان وياج تي قرض کڻڻ ئي ڪونہ. آغا خاني مسلمان شراڪتي بنياد تي ڪاروبار ڪن. انڪري هو بئنڪ ڪان قرض کڻڻ ئي ڪونہ. ڪوبہ وڏو ڪاروبار هوندو تہ هو آساني سان پائيوار ڳولهي وٺندا آهن. هن ڪميونٽي ۾ سادگي آهي ۽ ڏيکاءُ بلڪل ڪين آهي. هي پنهنجا زباني معاهدا ڪندي ڪاروبار ڪن ٿا اهڙو مثال سنڌ جي واڻين ۽ چپان توڙي چين ۾ ملي ٿو.

واڻيا ۽ آغا خاني ڪڏهن بہ ڪورٽ ڪچهري جهيڙي ۽ فساد ۾ وڃن ئي ڪونہ هو پنهنجا فيصلا اتحاد ۽ ٻڌي وسيلي حل ڪري وٺن ٿا. شراڪتي عمل ڪري هن ڪميونٽي ۾ فقير بنهہ ڪونهن ۽ نہ وري ڪي چور يا ڌاڙيل. سنڌن اهو مزاج قومي آهي. دنيا ۾ جيڪي بہ قومون هن وقت عروج تي آهن انهن شراڪتي ڪم کي قومي مزاج طور مڃرايو آهي. جيڪو اسلام جي تقاضا مطابق آهي.

مٿئين مثالن تي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن بہ عمل ڪري رهي آهي. سنڌ جي ٻهراڙين جي غريب ماڻهن سان ڪم ڪندي هي ادارو ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ، گڏيل سڏيل ۽ شراڪتي طور تي ڪم ڪار ڪرڻ جي هنر ۽ گُر کي اجاگر ڪرڻ جو پيغام ڏئي رهيو آهي.

هي ادارو ماڻهن کي هڪ هنڌ ميڙي گڏ ڪري سندن جي ذهني جاڳرتا ڪرڻ ۾ مشغول آهي تہ جيئن هو پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي پنهنجي پيرن تي بيهڻ سگن ۽ پاڻ ڪنهن تي بار ٿيڻ بجاءِ پنهنجي ڳوٺ، پاڙي، يونين ڪائونسل سطح جي ترقي لاءِ قدم کڻي سگهن.



هي شراڪتي ترقي جو فامولو آهي جنهن تي اگر سڀ ماڻهو لڳي وڃن تہ اهو ڏينهن پري ڪونہ هوندو جو اسان جا محلا، ڳوٺ وسنديون، واهڻ غربت جي ڌٻڻ مان نڪرندي خود اونده کي نيڪالي ڏيندي ترقي واري روشن سج کي سامهون ڏسي نہ سگهن. انهن ۾ صلاحيتون موجود آهن پر انهن کي استعمال ڪندي معاشري کي روشن ۽ جڳ مڳ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سرسو ان سمت ۾ انهن سان گڏ هر قدم آهي پر سمورا ادارا بہ ان سڏ ۾ سڏ ڏئي سلهاڙجن تہ جيڪر صبح ٿي پوي.



# بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام تحت ڪامياب اميدوارن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب

عبداللطيف سومرو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو شڪارپور

حڪومت سنڌ ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) غريب ماڻهن مان غربت ختم ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جو پڪو عزم ڪيو آهي ته جيئن معاشري مان هميشه لاءِ غربت جي ڪارن ڪڪرن کي ختم ڪري هڪ نئين صبح روشني جي شروعات ڪجي. سرسو مختلف رٿيل پروگرامن جي مدد سان غريبن لاءِ انيڪ ڪم ڪري رهي آهي. جنهن سان هڪ عام انسان کي سٺو ۽ معياري ڪم مهيا ڪري ان کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي. اهڙي سلسلي جي هڪ ڪڙي جيڪا ضلعي شڪارپور ۾ حڪومت سنڌ جي مالي معاونت سان بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام (BBSYDP) جي نالي سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي تعاون سان شروع ڪئي. هن وقت تائين ضلعي شڪارپور ۾ 1500 ڪان وڌيڪ ماڻهن کي هنري سکيا ڏني وئي ته جيئن بيروزگار نوجوان پنهنجي ڪاروبار ۾ مهارت جي ذريعي عزت دار روزي /ڪاروبار شروع ڪري سگهن ۽ پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت جي ڏهڻ مان نڪري سگهن. هڪ ڪامياب سفر طئه ڪندڙ (BBSYDP) سکيا ورتل شاگردن ۾ ضلعي شڪارپور جي ڊپٽي ڪمشنر جناب هادي بخش زرداري سرٽيفڪيٽن جي ورهاست ڪئي جيڪا سرسو طرفان ڊي.سي آفيس جي دربار حال ۾ منعقد ڪئي وئي. انهيءَ تقريب ۾ سرسو جو ايڪٽنگ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، زبير سومرو، ڊاڪٽر غلام رسول سميجو ۽ عبداللطيف سومرو پڻ موجود هئا. ان ڪان علاوه مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن پڻ شرڪت ڪئي ۽ تربيت حاصل ڪندڙ جونوانن جي همت افزائي ڪئي ته جيئن هو پنهنجو اڳيون سفر به خوش اسلوبي سان سرانجام ڏئي سگهن.

سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب باقاعده تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. بعد ۾ سرسو ضلعي مئنيجر عبداللطيف سومرو ڪامياب اميدوارن ۽ آيل مهمانن کي ڀليڪار چوندي واضع ڪيو ته بينظير يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام جو اِهو ڦهريون ڏاڪو جيڪو حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي ڪلهن تي هو ۽ ٻيو ڏاڪو اهو آهي ته توهان پنهنجي ورتل تربيت کي پنهنجي زندگي ۾ عملي جامون ڪيئن ٿا پهرايو ۽ فائدو وٺو. ان جو سڄو دارومدار اوهان تي آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر غلام رسول سميجو سرسو جي هلندڙ مختلف ڪمن تي روشني وجهندي آيل معزز مهمانن کي مڪمل ڄاڻ ڏيندي اهو پڻ واضع ڪيو ته حڪومت سنڌ ۽ سرسو ايندڙ وقت ۾ اهڙن ڪمن کي عوام جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهندي. سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي تقرير ڪندي ڊي.سي جو ٿورو مڃيو ۽ چيو ته سرسو نه صرف ضلعي شڪارپور ۾ پر اتر سنڌ جي 9 ضلعن ۾ ترقي جا مختلف منصوبه شروع ڪيا آهن ته جيئن غريب ماڻهن جي زندگيءَ ۾ روشنيءَ ڏيئا ٻاري سگهجن ۽ هڪ صحتمند معاشري جي تشڪيل ڏيئي سگهجي.





جناب هادي بخش زرداري هن موقعي تي چيو ته منهنجي زندگي جي هيءَ يادگار تقريب آهي ۽ مان ڪڏهن به هن پروگرام کي وساري نٿو سگهان، جُس هجي سرسو جي سڄي ٽيم کي جنهن اهڙا بهترين عملي ڪم ڪري ڏيکاريا آهن. سچ پچ ته جيڪڏهن سرڪار جا ڪم اهڙي طرح ٿيندا رهيا ته اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان محترمه بينظير ڀٽو جي مشن کي ضرور ڪامياب ڪري وٺنداسين، آخر ۾ هادي بخش زرداري ڪامياب شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ تقسيم ڪيا.



# وزيراعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم مان فائدو حاصل ڪندڙ مائي ڦاپل

شڪيل سومرو

تعلقہ لکي ضلع شڪارپور

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، سنڌ جي واحد آرگنائيزيشن آهي جيڪا گهرو سطح تي ڪم ڪري رهي آهي جنهن جو مقصد غريب ماڻهن کي پاڻ پرو ڪري، ان لائق بڻائڻ آهي تہ هو ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ڏنگين ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪمائي ڪائين. انهيءَ سلسلي ۾ سرسو اندر مختلف پروجيڪٽس هلي رهيا آهن جنهن جي توصل سان غريب ماڻهن جي راهنمائي ۽ مدد فراهم ڪئي پئي وڃي، انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي وزير اعظم جو بنا وياج واري قرض اسڪيم بہ آهي. انهيءَ پروگرام مان انتهائي غريب ماڻهو فائدو وٺي رهيا آهن. جنهن ۾ مائي ڦاپل بہ مان هڪ آهي. جنهن ڳوٺ ۾ مائي ڦاپل رهي ٿي، ڳوٺ محمد ابراهيم سومرو يونين ڪائونسل رستم تعلقہ لکيءَ جو گهٽو ڪري اڪيلو ڳوٺ آهي جِتي جا سمورا مرد ۽ عورتون پڙهيل لکيل آهن. ڪوئي ماڻهو اهڙو ناهي جيڪو اڻ پڙهيل هجي پر پوءِ بہ هِن 600 آباديءَ واري هن ڳوٺ ڏي سواءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اداري جي ڪنهن بہ لڙي لِيئو ناهي پاتو نہ ڪنهن گورنمينٽ جي اداري نہ ئي ڪنهن ٻئي غيرسرڪاري اداري.

مائي ڦاپل ميمبر آهي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ سجاڳ جي سندس مڙس فقير طالب حسين سومرو ٻني ٻاري جو ڪم ڪندو آهي، جنهن ڪري سندن جو گذرسفر غريبي حال تي ٿئي پيو. ڦاپل کي هميشہ اهو شوق رهندو پئي آيو تہ جيڪر منهنجي گهر ۾ بہ پنهنجي ڪا مال جهڙي نعمت (ملڪيت) هجي، پر غربت ۽ آمدني گهٽ هجڻ سبب هوءَ پنهنجو ڪو ڊور وٺي نہ پئي سگهي ۽ نہ ئي ڪو هن کي اُڌارا پئسا ئي ڏي پيو تہ ڪنهن ڪم ۾ آڻي ۽ پوءِ آهستي آهستي واپس ڪري. اوڌر بہ صرف ان ڪري نہ پئي ملين تہ ڦاپل جو مڙس پڻ هڪ مسڪين غريب ۽ ڪڙمي ماڻهو آهي، هڪ ئي وقت پئسا واپس ڪري سَگهڻ هِنن جي لاءِ تمام ڏکيو ڪم آهي.



جڏهن سرسو اداري جي ٽيم وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم سان گڏ ڳوٺ محمد ابراهيم سومرو ۾ پروگرام ڪيو تہ ڦاپل بہ انهيءَ پروگرام مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ LSO جي معرفت درخواست ڏني تہ اِهو قرض بنا وياج ۽ سهولت سان واپس ڪرڻ وارو آهي. مان انهيءَ پئسن مان ڪوئي واڌاري ۽ بچت وارو ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي ۽ بهتر ۽ آسان طريقي سان قرض واپس ڪنديس. اداري جي پاليسي مطابق مون کي -/20,000 هزار روپين جو چيڪ مليو جيڪو مون بئنڪ مان پاس ڪرائي اُن پئسن مان هڪ وڇير ورتي، جيڪا هاڻي مينهن ٿيڻ لاءِ تيار آهي. مائي ڦاپل چواڻي تہ هن وقت مان ۽ منهنجو مڙس فقير طالب حسين ۽ گهر جا ننڍڙا وڏڙا ٻارڙا ڏاڍو خوش آهيون تہ چڱو ٿيو جو سرسو ادارو وزير اعظم جو پروگرام ڪٺي اسان وٽ آيو، جو اسان هڪ مينهن جا مالڪ ٿي ويا آهيون ۽ سمجهون پيا تہ اسان وٽ بہ ڪا ملڪيت آهي. نہ تہ اسان غريبن کي ڪوبہ ڏکيءَ سُکيءَ ۾ بہ پنج روپيہ ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هيو. اسان کي هن پروگرام مان سٺو فائدو پيو آهي جو اسان کي بنا وياج جي پئسا ملي ويا آهن. پوڪَ پَچڻ مَهَل اسان اهو قرض بہ لاهي ونداسين.



مائي ڦاپل چواڻي تہ: اسان غريب سرسو اداري جا ٿورا مڃيندي اداري جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ دعائون ڪري رهيا آهيون. تہ شال "صُوفين جي ڌرتي، سنڌ وَسي ۽ سَرسو ادارو وَسي."



# سرسو ٻڍايو مالڪ پنهنجي ملڪيت جو

ڊاڪٽر واجد علي ٻرڙو
وٽرنري ڊاڪٽر تعلقہ لکي.

حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي تعاون سان جڏهن ضلع شڪارپور ۾ وڇيرين ورهائڻ واري پروگرام جي شروعات ڪئي وئي تہ ان پروگرام مان مائي ناز خاتون کي بہ فائدو وٺڻ جو اشتياق پيدا ٿيو ۽ هن LSO مهراڻ جنهن ۾ هوء ميمبر جي حيثيت رکي ٿي. سان رابطو ڪيو ۽ پنهنجي خواهش ظاهر ڪندي ڪين گذارش ڪئي ۽ هڪ درخواست ڏني تہ مونکي بہ انهيء وڇين واري پروگرام مان فائدو ڏياريو وڃي.

ڳوٺ موراڻي يونين ڪائونسل پرڪڻ جي رهندڙ مائي ناز خاتون جي اکين ۾ سدائين اها خواهش ۽ اميد هوندي هئي ۽ چوندي هُئي تہ جيڪر مونکي بہ پنهنجن ٻچن کي پيئارن لاءِ پنهنجي ئي گهر ۾ ڳئون يا مينهن جو کير هجي چوتہ هُن جي ايتري آمدني نہ ناهي جو اجوکي چانهہ جي دور ۾ پاڻ چانهہ پي سگهن.

حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي هن پروجيڪٽ ۾ LSO جي ذريعي جڏهن مائي ناز خاتون جي درخواست يونٽ آفيس لکي پهتي تہ سرسو جي ٽيم پنهنجي ڪاغذي ڪارائي شروع ڪري ڏني جانچ پڙتال ڪانپوء مائي ناز خاتون جي درخواست منظور ڪندي هن کي پروگرام ۾ شامل ڪيو ۽ ڪيس هڪ وڇير ڏني وئي.

ناز خاتون جو مڙس ظمير حسين جيڪو هڪ ڊرائيور آهي، گهڻي محنت جي باوجود بہ سندن جي گهر جو گذرسفر مشڪل سان ٿي رهيو آهي. جڏهن مائي ناز خاتون جي گهر ۾ وڇير پهتي تہ هوء تمام گهڻو خوش ٿي، ۽ ان وڇير جي پالنا ڪندر رهي. ڏکي وقت هوندي بہ هن ان وڇير کي پاليو ان اميد سان تہ هڪ ڏينهن اسين هن جو ٻير پيئنداسين. آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو جنهن جو ناز خاتون کي انتظار هيو. هن جي وڇير هڪ ٻئي وڇير کي جنم ڏنو، ان وقت مائي ناز خاتون جي خوشي جي ڪا حد نہ هئي، هن سيني پاڙي وارن ۽ سرسو اداري وارن کي بہ خوشيء مان اطلاع ڏنو تہ منهنجي گهر ۾ الله جي فضل سان مينهن ويائي (ڦر ڏنو) آهي.

هن وقت مائي ناز خاتون ڏاڍي خوش ۽ مطمئين آهي ۽ چوي پئي تہ هاڻ صبح شام ست ڪِلو کير مينهن ڏئي رهي آهي. جنهن مان پنهنجي ٻچن کي بہ کير پيئاريان پئي ۽ ڪجهہ کير وڪرو بہ ڪريان پئي، الله جو شڪر آهي هن وقت مان ڪنهن جي قرضي بہ نہ آهيان، بلڪ ڳوٺ وارا منهنجا قرضي آهن ڇو جو مان انهن کي کير وڪرو ڪريان پئي. کير مان جيڪا آمدني ٿئي ٿي انهيء مان ۽ ڪجهہ پنهنجي مڙس جي ڪمائي مان گهر جو چرخو هلي پيو. منهنجي خواهش آهي تہ مون وٽ ڪوڙ ساريون مينهون هجن تہ جيئن مان انهن مان گهڻي ڪان فائدو وٺي سگهان ۽ آمدني ۾ اضافو بہ ڪري سگهان.



شال سرسو سدائين سرهو هجي ۽ اهڙا پروگرام غريبن لاءِ آڻيندو رهي. سرسو جيان ٻيا بہ ادارا جيڪر ايئن سچائيء سان غريبن جي مدد ڪندا رهن تہ هوندَ سنڌ جا ماڻهو خوشحال ۽ سکيا ستابا ٿي وڃن ۽ سهڻي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماروئڙا سدائين شاد ۽ آباد هجن.




# سنڈ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس - شکارپور روڈ سکر

فون نمبر 071-56271820 فیکس: 071-56271820111

ویب سائیٹ: www.srso.org.pk